ڊاڪٽر رياضت ٻرڙو

# شاهه جي سُر ڪاموڏ ۾ آيل اصطلاح


### Abstract:

**Analysis of Idiomatic Expressions used in Sur Kamod of Shah-Jo-Risalo**

*Sindhi language is one of the ancient languages of the Indo-Pakistan sub-continent. It possesses a great treasure of lexicon coupled with a variety of dialects and strong grammatical structures; hence it plays a pivotal role amongst its speakers in connection with to expression of their feelings, emotions and thoughts, frequently used by them in their everyday life.*

*Shah Abdul Latif Bhittai (1689-1752) remains the leading classical poet of Sindh who used vocabulary of different dialects of Sindhi language with all of its characteristics and properties with great significance. These characteristics are widely spread in his poetry book, known as Shah-Jo-Risalo (Message of Shah), firstly published in Germany in the year 1866 (compiled by Ernest Trumpp (1828-1885). Shah Abdul Latif Bhittai travelled all over Sindh, met common masses and gathered typical vocabulary of their professions. He made use of the same by adopting their particular terminology; giving it simple, idiomatic, pharasal and proverbial meanings in his poetry with great accomplishment. Shah-Jo-Risalo has been divided into different Surs (melodies) in accordance with their subject matter. Amongst these Surs, Kamod (سر ڪاموڏ)is one which belongs to Sama-Period (1350-1520). In this Sur, the love story of King Jam Tamachi and a fisher-woman Noori has been narrated and message of human equality is given and class-difference has totally been rejected by using idiomatic and proverbial Sindhi language.*

*In this research paper, the idiomatic use of Sindhi language in Sur Kamod has been discussed at length. For the said purpose, four compilations of Shah-Jo-Risalo i.e. by Ghulam Muhammad Shahwani, Dr. Hotchand Moolchand Gurbakhshani, Dr. N.A Baloch and Banho Khan Shaikh have been referred to along with Gunj (The first ever manuscript of Shah-Jo-Risalo). Besides this many glossaries of Shah-Jo-Risalo and dictionaries of ancient and modern Sindhi language have been also been referred to. In addition, proper meanings of idioms have been highlighted and discussed in a thorough manner.*


**شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ** جي شاعريءَ ۾ سمايل فڪري ۽ فني اوچائين جا





معترف ڏيهي ۽ پرڏيهي عالم ۽ محقق رهيا آهن. انهن فڪري ۽ فني اوچائين جي مطالعي منجهان معلوم ٿئي ٿو ته شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جون خوبيون ۽ خصلتون پنهنجي پوري طريقي سان سمايل ۽ سانديل آهن. هُن اهي خوبيون پنهنجن سيرن ۽ سفرن دوران هٿ ڪيون. ”شاهه صاحب، جن جن خِطن جا سير سفر ڪيا، انهن مان هر خطي ۾ رائج مقامي لهجي، اُن لهجي جي خاص خاص لفظن، فقرن، اصطلاحن، چوڻين ۽ پهاڪن ڪي، پنهنجي رسالي جي، مختلف سُرن ۾ محفوظ ڪيو. اُن ڪان سواءِ انهن خِطن ۾ رهندڙ ماڻهن جي ڪِرتن، ڌنڌن ۽ ڪاروبار ۾ ڪم ايندڙ لفظن جي وڏي خزاني کي به، پنهنجي رسالي جي لغوي خزاني جو حصو بڻائي ڇڏيو. اهڙيءَ طرح هن، سنڌي ٻوليءَ جي ڌار ڌار لهجن، جهڙوڪ: اُترادي، وچولي، لاڙي، ٿرِي، ڍاٽڪي، پارڪري، ماڃري، ڪارائي، منڇري، دريائي، ڪوهستان جي ڪاڇي واري لهجي ڪان سواءِ لاسي، جدگالي ۽ فراقي لهجن ڪان سواءِ، ميواڙي، مارواڙي، جيسلميري ۽ ڪَڇي ٻولين جي لغوي خزاني کي به پنهنجي ڪلام ۾ استعمال ڪيو. شاهه صاحب انهيءَ ساري لغوي خزاني کي سنواريو، سڌاريو، ان ۾ نواڻ آندي ۽ سنڌي زبان کي هر لحاظ ڪان وسيع، مائيدار ۽ شاهوڪار بڻايو.“(الانا، ۲۰۱۴: ۲۱۲) شاهه لطيف جي ان رَچيل ۽ هر علائقي جي ٻولي ڪتب آڻڻ جو هڪ وڏو نتيجو هيءُ نڪتو ته لساني حوالي سان شاهه لطيف سڀني علائقن ۾ رهندڙن ماڻهن جو شاعر ٿي پيو. ”هيءُ پهريون ڪامياب شاعر هو، جنهن اها ٻولي ڪتب آندي، جيڪا سڀني کي قبول هئي: رڳو ان ڪري نه ته اهو ادب هو يا ان ۾ لفظن جي هٿرادو جوڙجڪ هئي: بلڪ ان ڪري جو ان ۾ سڀني جا احساس هئا.“(سورلي، ۲۰۰۵: ۳۰۱)

شاهه لطيف جي احساساتي ٻولي سندس رسالي جي سڀني سُرن جي بيتن ۽ وائيُن ۾ ، مُنڍيءَ تي ٽِڪ جيان، بيحد سونهن ۽ سندرتا سان جڙت ڪيل آهي. شاهه جي رسالي ۾، پهاڪن ۽ چوڻين سان گڏ، خوبصورت تشبيهن ۽ موهيندڙ استعارن سميت لاتعداد اصطلاحن، ورجيسن ۽ مصدرن جو استعمال پڻ ٺهڪندڙ نموني ڪيل آهي، جن جو مطالعو سنڌي ٻوليءَ جي هڪ نئين، وڻندڙ ۽ اتساهيندڙ دنيا ڏانهن وٺي ٿو وڃي. ٻوليءَ جي معاملي ۾ ايئن به ناهي ته ان ۾ ڪتب ايندڙ اصطلاح وغيره سدائين نوان نڪور ۽ مستعمل رهن ٿا. اهي وقت گذرندي گهٽ مروج ٿيندا، واهپي مان نڪري يا بنهه گهٽجي وڃن ٿا. ”وقت گذرڻ ۽ حالتن بدلجڻ سان ’لفظ‘ پراڻا ٿي وڃن ٿا، اُنهن تي

دز چڙهي وجي ٿي، ۽ اُهي پنهنجي معنيٰ ۽ اثر وڃائي ٿا ويهن ـ انهيءَ ڪري، اصل ڳالهه ڪي، اصل نياپي ڪي، نون نون لفظن ۽ نئين نئين ڍنگ ۾ بيان ڪرڻ ۽ ٻڌائڻ ضروري ٿئي ٿو: هر دور جي حالتن ۽ تقاضائن مطابق ان دور جي ٻولي ۽ اصطلاح پنهنجا ٿين ٿا ـ تنهن ڪان سواءِ هر قوم ۽ ملڪ جي خود ٻولي به پنهنجي ٿئي ٿي، جنهن ۾ هو پنهنجي ماحول ڪي سمجهن ٿا ۽ سمجهائين ٿا ۽ اُن جي ڀلي ۽ بُري بابت سوچين ويچارين ٿا ـ 'هنديان را اصطلاح هند مدح، سنديان را اصطلاح سند مدح!"(جويو، ١٩٩٠: ١٠١) ان ڪري، زنده ٻولين ۾، انهن ڪي، عام لفظن جيان، وري وري استعمال ڪرڻ جي گهرج رهندي آهي.

شاهه جي رسالي ۾، جيڪي قصا ۽ داستان آندل آهن، انهن منجهان هر هڪ داستان ۽ قصو هڪ انفراديت ۽ مختلف پس منظر رکي ٿو. ان انفراديت ڪي نه صرف داستان ۾ آندل ڪردار ۽ انهن سان پيش آيل/ايندڙ واقعا ۽ انهن منجهان نڪرندڙ نتيجا لاياِئتو بڻائن ٿا، پر ان لاءِ ڪي پُر اثر ۽ پُر ڪشش بڻائڻ ۾ جنهن وکر جو استعمال شاهه لطيف بخوبي ڪيو آهي، اُها سنڌي ٻولي آهي. لاشڪ، هُو سنڌي ٻوليءَ جو هڪ بهترين پارکو نظر اچي ٿو.

انهن داستانن مان، "شاهه صاحب ڇهن سُرن (١) سر بلاول، (٢) سر پرڀاتي، (٣) سر ڏهر، (۴) سورٺ، (۵) سر ڪاموڏ، (٦) سر ڪارايل ۾ سمن سردارن جي سخا، سورهيائي ۽ عوامي ڪردار جو خوب ذڪر ڪيو آهي."(سنڌي، ٢٠١٧: ٢۵٠) هر سُر ۾، انهن ڪردارن جي موضوعن ۽ عوامي پاسن جا انداز، اهڙيءَ ريت آندل آهن، جو اهي زندگيءَ ۽ سماج جي تنوع ڪي ڪاميابيءَ سان پيش ڪن ٿا.

هيٺ، شاهه لطيف جي چيل مٿيَن داستانن منجهان، سُر ڪاموڏ ۾، پنهنجي مڪمل نياز، نوڙت ۽ نينهن جو اظهار ڪندڙ نوريءَ ۽ ڄام تماچيءَ جي رومانوي داستان ۾ ڪتب آيل اصطلاحن جو هڪ مطالعو پيش ڪجي ٿو.

سُر ڪاموڏ ۾ آندل داستانُ سَمن جي دَور (١٣۵٠-١۵٢٠ع) سان تعلق رکي ٿو. "سما دَور ۾ جيڪي رومانوي داستان وجود ۾ آيا، انهن ۾ نوري ڄام تماچي خاص اهميت جو حامل آهي، جنهن ڪي ڪلهوڙن جي دَور ۾ سنڌ جي لازوال شاعر حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ پنهنجي ڪلام ۾ ڳائي امرتا بخشي."(دانش، ٢٠١٦: ١٦٩) سمن جو دَور سنڌ، سنڌي ماڻهن ۽ سنڌي ٻوليءَ ۽ لوڪ ادب جي اوسر ۽ واڌ ويجهه واسطي هڪ





بهترين دَور جي حيثيت رکي ٿو، جنهن ۾ سنڌُ سُڪونَ جو ساهه کڻي رهي هئي. ان پس منظر ۾، "نوري ۽ ڄام تماچيءَ جو داستان به سنڌو ڌرتيءَ جي جوڀن واري دَور جو داستان آهي، جنهن دَور ۾ ماڻار هئي، ماڻهن جي جذبن ۾ اعتدال هو، سنڌ خوشحال هئي، آزاد هئي، ماڻهو ڪڪين قرار هئا. سنڌوءَ جي سرزمين تي عشق ۽ محبت جا داستان ان دَور ۾ ئي اسريا."(انيڙ، ٢٠٠١: ١٣)

سُر ڪاموڏ جا ٻئي مکيه ڪردار ـ ڄام تماچي ۽ نُوري ـ پنهنجين اُتم انساني وصفن جي ڪري سڄي سُر جي بيتن ۽ وائين ۾ ڇانئيل آهن، جيتوڻيڪ سُر ۾ نوريءَ جي سونهن ۽ سمجهه، نياز ۽ نماڻائي وڌيڪ اثر رکندڙ آهي، پر ڄام تماچيءَ جي ڪردار ۽ طبقاتي فرق ڪي مِٽائڻ واري فيصلي جي سگهه به سُر ۾ سمايل مقصد ڪي مٿاهين پد تي پهچائي ٿي. ان حوالي سان، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ لکي ٿو، "اعليٰ انساني ڪردارن جي عزم جي لحاظ سان، نوري ۽ ڄام تماچي جا ڪردار مثالي آهن. گيرب ڳاءَ بدران نياز ۽ نئڙت، هَٺ ۽ هلڪڙائيءَ بدران فهم ۽ فضيلت نوريءَ جي ڪردار جا اهم اوصاف آهن. ٻئي طرف ڄام تماچيءَ جو مڇيءَ تي گذران ڪندڙ غريب مهاڻن جي معاشري جو قدر ڪرڻ، سخا سان انهن ڪي نوازي سُکيو ڪرڻ ۽ غريب مهاڻيءَ ڇوڪريءَ سان شادي ڪرڻ ۽ پنهنجي پَٽ راڻي بنائڻ اعليٰ انساني ڪردار جا اهم اوصاف آهن. شاهه صاحب اِجا به اڳتي وک وڌائي، غريب معاشري جي نياڻي نوريءَ جي اعليٰ ڪردار ڪي وڏ گهراڻين سمين راڻين جي وڏ وڏائي تي فوقيت ڏني. نه فقط ايترو بلڪ نوريءَ ڪي ئي ڄام تماچيءَ جي ڪردار سازي جو محرڪ قرار ڏنو: 'نوريءَ جي نوازئو، ٿئو تماچي تي.'"(بلوچ، ٢٠١٢: ٢۴۴-٢۴۵) شاهه لطيف ڄام تماچيءَ جي وصفن جي بيان ۾، استعاري ڪان اڳتي وڌي، جيڪي تمثيلون ڄام تماچيءَ سان سلهاڙيون آهن، اهي سندس ڪلام ۾ پسي سگهجن ٿيون:

نه ڪنهن ڄائو ڄام ڪي، نکو ڄامَ وِياءُ،
نندي وڏي گندري، سيڪنهن آهِ سِياءُ،
" لَمْ يَلِدْ وَلَمْ يُولَدْ" ، ايءُ نجابت نياءُ،
ڪِبر ڪِبرياءُ، تخت تماچيءَ ڄام جو.

(شيخ، ڪاموڏ، داستان ١، بيت ١٧، ص: ۵٢٢)

"شاهه ڀٽائي، تماچيءَ جي خصلتن ڪان خوش ٿيندي ان جي ڪردار ڪي خود

ڏٺي پاڪ سان تمثيل ڏيندي وڃي بيهاريو آهي: ۽ ايئن بہ چئي پيو ڏئي، تہ ڄام نہ ڪنهن جو ڄائو آهي ۽ نہ هن پاڻ ئي ڪنهن کي ڄڻيو آهي. هُو سيني جو عزيز ۽ متر آهي. تماچيءَ جو تخت وڏي شانَ ۽ طومان وارو آهي ۽ هُو شرافت ۽ انصاف جو اهڃاڻ آهي.“(متلاڻي، ١٩٩٢: ٢٠٠) تمثيل جو معاملو صرف ڄام تماچيءَ تائين محدود نہ آهي، پر ان کي ڪن محققن نوريءَ، مهاڻن ۽ ڪينجهر تائين پڻ وڌايو آهي، جيئن مرزا اجمل بيگ لکي ٿو، ”سر ڪاموڏ ۾ شاهہ صاحبَ، ڄام تماچيءَ جي الله پاڪ سان، نماڻي نوريءَ جي آنحضرتﷺ جن سان، سمين سومرين ۽ ڄام جي ڀين پَٽ راڻين جي جليل الشان ۽ اولوالعزم انبياء ڪرام سان، ڪينجهر جي مهاڻن جي عرب جي ماڻهن، آنحضرتﷺ جن جي قوم ۽ سندن امتين سان ۽ ڪينجهر جي عرب ملڪ سان نسبت ۽ تمثيل ڏني آهي.“(بيگ، ١٩٩٤: ٢٠٣)

اهڙين تشريحن جي پيشڪش ۾، شاهہ لطيف جي فڪرِي انداز سان گڏ، سندس پاران ڪتب آندل لفظن ۽ اصطلاحن جو حصو پڻ آهي. اهو لطيف جي ٻوليءَ جو ڪمال ئي آهي، جو سندس ڏنل فڪرُ، هر مڪتبء فڪر جي ماڻهوءَ کي پنهنجي ذاتي فڪرَ سان هم آهنگ محسوس ٿئي ٿو. اڃا بہ هر ڪُ اهو محسوس ڪري ٿو تہ شاهہ لطيف سندس جذبن، احساسن ۽ امنگن کي بهترين طريقي سان قلمبند ڪيو آهي. ٻئي پاسي، حقيقت هيءَ بہ آهي تہ ”لطيف پنهنجي ڪلام ۾ جن بہ سُرن ۾ انهن ڪردارن کي رچيو ۽ پسيو، سهيڙيو ۽ سَموهيو آهي، اتي انهن جي ماحول ۽ ان جي پس منظر کي الڳ نہ ڪيو آهي ۽ نہ وري ان جي تشخص کي مجروح ڪيو آهي، بجاءِ ان جي، لطيف انهن جي شخصيت کي هڪ اهڙي زاويي ۽ طريقي سان پيش ڪيو آهي، جو هر ڪردار تاريخي توڙي سماجي طور اهم مقام تي نظر اچي ٿو. لطيف جي ڪردارن جي دائميت جو بنيادي سبب پڻ اهو ئي آهي.“(ڪاشف، ٢٠٠٥: ٢١٠-٢١١)

ڪاموڏ جي ٻئي مکيہ ڪردار ’نوريءَ‘ کي پڻ وڌيڪ سمجهڻ جي گهرج آهي. ڇا هوءَ فقط هڪ تمثيل ئي آهي يا ڪو استعارو ۽ علامت بہ آهي، جيڪو اڳواٽي ڪندڙ آهي؟ ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر جي نظر ۾، نوري سنڌي عورتاڻي فطرت جي مڪمل علامت آهي. هو لکي ٿو، ”شاهہ صاحب جي ڪلام ۾ ’نوري‘ هڪ اهڙو سنڌي سماج جو تاريخي ڪردار آهي، جنهن ۾ هَٺ، وڏائي، تڪبر ۽ غرور نظر نہ ٿو اچي. سچ تہ هوءَ سنڌي عورتاڻي فطرت جي مڪمل علامت آهي. هوءَ پنهنجي ڪانڌ سان دوکو نہ





ٿي ڪري، ڪيس فريب نہ ٿي ڏئي، بلڪ صاف صاف ٻڌائي ٿي تہ سندس پيڪا مسڪين مهاڻا آهن.“(سوڍر، ٢٠٠٠: ٥٠) هو وڌيڪ لکي ٿو، ”سر ڪاموڏ ۾ نوريءَ جي ڪردار اهو ثابت ڪيو آهي تہ ’سلطاني سهاڳ‘ رڳو راڄائي نُک جو ورثو نہ آهي، پر غريباڻي جيوت وارا ماڻهو بہ انهيءَ درجي جا حامل ٿي سگهن ٿا!“ (سوڍر، ٢٠٠٠: ٥١)

شاهہ لطيف جي سُر ڪاموڏ ۾، ڄام تماچيءَ ۽ نوريءَ جا ڪردارَ، سنڌي سماج جي برابريءَ جي بنياد تي اوسر واسطي، لازمي ڪردارن طور، ايري اڳيان اچن ٿا. ڄام تماچي ملڪَ جو حاڪم ۽ سماج جو پُر اثر فرد هو، جڏهن تہ نوري رعيت جي هڪ ننڍڙي جُز طور عام حياتي گذاري رهي هئي. سندن وچ ۾ طبقاتي اوچ نيچ جي هڪ وڏي وٿي هئي. ان طبقاتي فرق کي چٽو ڪندي، ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر لکي ٿو، ”سوال ٿو پيدا ٿئي تہ اها ڄام تماچيءَ جي شرافت ۽ دانائي هئي يا نوريءَ جي سيرت، جنهن سنڌي سماج ۾ طبقاتي فرق کي ختم ڪرڻ جو تاريخي تصور پيدا ڪيو؟ يقيناً اهو ڪردار نوريءَ جو ئي هو، جنهن ڄام تماچيءَ کي گهٽ ذات وارن سان سڱ ڳنڍڻ تي مجبور ڪيو، ۽ ان سان گڏ اسان لاءِ پڻ طبقاتي فرق کي سمجهڻ ۾ راهہ متعين ڪئي، جنهن ۾ اسان ڏسون ٿا تہ: ’مئي هٽ ۾ مڪڙي، ڄام هٽ ۾ ڄار، سچو ڏينهن شڪار، ڪينجهر ۾ ڪالهہ هو.‘“(سوڍر، ٢٠٠٠: ٥١) نوريءَ بابت، ڊاڪٽر فهميده حسين لکي ٿي، ”سر ڪاموڏ هڪڙو ننڍڙو سر آهي... ننڍڙي ذات جي معصوم دل واري نماڻي نينگر نوريءَ جو سر آهي، پر اصل ۾ ڏنو وڃي تہ هن ننڍڙي سر ۾ وڏو فلسفو سمايل آهي، ننڍي ذات وارن جي وڏائي بيان ٿيل آهي، ننڍڙي نماڻي نينگر جو وڏو ڪردار ڏيکاريل آهي.“(فهميده، ١٩٩٣: ٣٣٩) ان ڪري ئي هوءَ نوريءَ جي ڪردار کي آدرشي ڪردار سڏي ٿي، جنهن جو وڏي ۾ وڏي ساراهہ جوڳو گُڻ سندس خودداري ۽ پنهنجي اصل تي فخر آهي. (فهميده، ١٩٩٣: ٣٥٨) نوريءَ جي ڪردار وسيلي ڏنل سنيهي بابت، ڊاڪٽر احسان دانش لکي ٿو، ”شاهہ سائينءَ نوريءَ جي ڪردار وسيلي سماج جي ڏتڙيل، پيڙهيل ۽ پورهيت طبقي کي اخلاق ۽ اعليٰ ظرف جي بنياد تي مانائتو مقام ماڻڻ جو سنيهو ڏنو آهي.“(دانش، ٢٠١٦: ٣٤١) جنهن ڪان پوءِ هو ڄام تماچيءَ بابت لکي ٿو، ”لطيف سائينءَ تماچيءَ جي ڪردار وسيلي پنهنجي دَور جي حڪمران نور محمد ڪلهوڙي کي بہ پنهنجي قوم ۽ عوام تي ديا ڪرڻ جو درس ڏنو آهي. ان دَور ۾ سنڌي ماڻهو، خاص طور غريب طبقو سخت انتشار ۽ بي چيني جو شڪار هيو، تنهنڪري پٽائيءَ تماچيءَ جيان ڪلهوڙي حاڪم

كي انهيءَ غريب نوازي ۽ سماج جي هيٺين طبقي سان همدرديءَ لاءِ اتساهيو.“(دانش، ۲۰۱٦: ۳۶۲) پڌرو ٿئي ٿو ته، نوري اهم ته آهي، پر ڄام تماچيءَ کي به نظر انداز ڪري نه ٿو سگهجي. ڄام ته حاڪم هو. حاڪم جو اهو عمل، جنهن سان هُو رعيت جو حصو بڻجي، سندن ڪِرت کي اختيار ڪري، هنن جهڙو بڻجي وڃي ۽ هر فرق کي مٽائي ڇڏي، بيحد اهم آهي. جڏهن هيناهينءَ کي مٿي ٽيڻ سان ڳنڍ، مٿاهينءَ کي به هيٺ ٽيڻو پوي ٿو، تڏهن ئي اوچ نيچ جا فرق مٽجن ٿا. تاڙي ٻنهي هٿن سان ئي وڄندي آهي، ان ڪري ڄام تماچيءَ ۽ نوريءَ ڳڌجي، طبقاتي فرق کي مٽائڻ جا اپاءَ ورتا. ڊاڪٽر فهميده حسين کي ان ڪري ئي لکڻو پئجي ويو، ته ”هڪ طرف ڄام تماچيءَ جو عشق هو ته ٻئي طرف نوريءَ جو حليم حسن. انهيءَ وصالَ وچ جا سڀ ويڇا، ذات پات، اوچ نيچ جا ڀيد مٽائي ڇڏيا.“(فهميده، ۱۹۹۳: ۳۵۳) جڏهن فرق مٽجي ويا ته حاڪماڻو تفخر به مٽجي ويو ۽ حاڪمُ ۽ رعيت جي وٿي ختم ٿي وئي. ان تناظر ۾، اهو پڻ چئي سگهجي ٿو ته ”سر ڪاموڏ ۾ بظاهر ته ’نوري ۽ ڄام تماچي‘ جو داستان بيان ڪيل آهي پر اصل ۾ انسان کي پنهنجي حيثيت جو احساس ڏياريو ويو آهي ۽ ’هست‘ کي ’نيست‘ ۾ تبديل ڪري هن دنيا ۾ عجز ۽ انڪساريءَ، نوڙت ۽ نياز سان هلڻ جو سبق سيکاريو ويو آهي.“(شاد، ۲۰۰۸: ۱۹۳)

## تحقيق جو طريقيڪار:

**حوالي طور ڪتب آندل شاهه جا رسالا:**

سر ڪاموڏ ۾ آيل اصطلاحن تي تحقيق ۽ ڇنڊڇاڻ واسطي، بنيادي ماخذ طور محترم غلام محمد شاهواڻيءَ جو مرتب ڪيل ”شاهه جو رسالو“ (ڇاپو ۱۹۹۳ع، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي) ڪتب آندو ويو آهي، جنهن ۾، سر ڪاموڏ ۾، داستانن، بيتن ۽ وائين جو تعداد هن ريت آهي:

داستان پهريون: ٢٦ بيت ۽ هڪ وائي.

داستان ٻيو: ١٣ بيت ۽ هڪ وائي.

**جملي: ٣٩ بيت ۽ ٢ وائيون.**

ان کان پوءِ، ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻيءَ جي مرتب ڪيل ”شاهه جو رسالو“ (ڇاپو ۲۰۱۴ع، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي) کي پڻ پيٽيو ويو، جنهن ۾ پڻ،





داستانن، بيتن ۽ وائين جو تعداد ساڳيو ئي آهي جيڪو شاهواڻي صاحب جي جوڙيل ”رسالي“ ۾ آهي، جيڪو شاهواڻي صاحب، گربخشاڻي صاحب جي ”رسالي“ تان ورتو هو.

سر ڪاموڏ جي اصطلاحن جي جامع اڀياس واسطي ضروري سمجهيو ويو، ته ٻين ”شاهه جي رسالن“ کي به ووڙجي. ان نيت واسطي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي تحقيق ۽ تشريح ڪيل ”شاهه جو رسالو“ (ڇاپو پهريون ۱۹۹۹ع، علامه قاضي رسالو تحقيقي رٿا ۽ اشاعت، حيدرآباد) مطالع ڪيو ويو، جنهن ۾ داستانن، بيتن ۽ وائين جو تعداد هن ريت آهي:

داستان پهريون: ١٠ بيت ۽ هڪ وائي.

داستان ٻيو: ١٧ بيت.

داستان ٽيون: ١٢ بيت ۽ هڪ وائي.

داستان چوٿون: ١۴ بيت ۽ هڪ وائي.

**جملي: ۵٣ بيت ۽ ٣ وائيون.**

”شاهه جي رسالي“ جي چوٿين چونڊ ۾، ”گنج“ (جلد ٻيو: ڪاتب: فقير عبدالعظيم رمضان جت) کي نظر مان ڪڍيو ويو. ان جي موجوده صورتخطيءَ کي، هِن مقالي ۾، درج ڪيو ويو آهي جيڪا ممتاز مرزا لکي. ”گنج“ (ڇاپو ٻيو آڪٽوبر ۲۰۱۸ع، ثقافت، سياحت ۽ نوادرات کاتو، حڪومت سنڌ، ڪراچي) ۾، داستانن جي ورڇ ڪيل ناهي، پر سهولت خاطر، جتي وائي آئي آهي، اتي پهرين داستان کي دنگ ڪيو ويو آهي. ان موجب، داستانن، بيتن ۽ وائين جو تعداد هن ريت آهي:

داستان پهريون: ١٦ بيت ۽ هڪ وائي.

داستان ٻيو: ٢۵ بيت ۽ هڪ وائي.

داستان ٽيون: ٢١ بيت ۽ هڪ وائي.

**جملي: ٦٢ بيت ۽ ٣ وائيون.**

پنجين ”رسالي“ طور، ٻانهي خان شيخ جو مرتب ڪيل ”شاهه جو رسالو“ (جلد ٽيون، ڇاپو ٻيو ڊسمبر ۲۰۱۲ع، شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، ڪراچي) به مطالعو ڪيو ويو، جنهن ۾، سر ڪاموڏ ۾، داستانن، بيتن ۽ وائين جو تعداد هن ريت آهي:

داستان پهريون: ۳۰ بيت ۽ هڪ وائي.

داستان ٻيو: ۲۳ بيت ۽ هڪ وائي.

داستان ٽيون: ۲۰ بيت ۽ ۲ وائيون.

**جملي: ۷۳ بيت ۽ ۴ وائيون.**

**سِٽَ جي چونڊ ۽ نشاندهي:**

اصطلاحن واسطي، مصرع جِي پهرين چونڊ، بنيادي ماخذ طور ورتل، شاهواڻي صاحب جي "شاهه جي رسالي" مان ڪيل آهي. ان کان پوءِ ڊاڪٽر بلوچ ۽ ٻانهي خان شيخ جي جوڙيل "رسالن" ۽ "گنج" ۾ آيل انهن مصرعن کي به شامل ڪيو ويو آهي، جن ۾ ڪو اصطلاح سمايل آهي، پر اها مصرع شاهواڻي صاحب جي رسالي ۾ آيل ڪانهي. انهن مصرعن کي درج ڪرڻ کان ڪنارو ڪيو ويو آهي جن ۾ صورتخطيءَ جي ڪا معمولي مَٽ سَٽ آهي. هر مصرع جي پٺيان، ننڍي ڏنگيءَ ۾ مخفف سان مرتب، داستان نمبر ۽ بيت نمبر جي ڄاڻائي ڪئي وئي آهي، جهڙوڪ (ش، ۲:۱۲) يعني شاهواڻي(غلام محمد)، داستان ۲، بيت نمبر ۱۲. ساڳيءَ طرح (بل، ۳:۶) يعني بلوچ (ڊاڪٽر نبي بخش خان)، داستان ۳، بيت نمبر ۶.

**مقالي ۾ ڪتب آندل مخفف ۽ نالا:**

هِن مقالي ۾ محققن جي نالن جا مخفف، هيٺينءَ ريت شاهه جي مصرعن ۽ ورتل معنائن ۾ ڪتب آندا ويا آهن:

اصغر = غلام اصغر (ونڊير)

بل = ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

ٿلهو = منصور ٿلهو

سائل = سترامداس سوڀا سنگهه جڙيا سنگهاڻي 'سائل'

سنڌيلو = ڊاڪٽر عبدالڪريم سنڌيلو

ش = غلام محمد شاهواڻي

شيخ = ٻانهون خان شيخ





قريشي = پروفيسر مظهر علي قريشي

قل = مرزا قليچ بيگ

گر = ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي

گهنشامداس = گهنشامداس رامنداس

مسافر = محمد صديق "مسافر"

نقوي = سيد نجف علي شاهه ڪمتر نقوي

**چنڊڇاڻ جو ستاءُ:**

سڀ کان اڳ سلسلي نمبر سميت اصطلاح لکيو ويو آهي، جنهن هيٺان، لاڳاپيل سِٽَ ڏني وئي آهي، ته جيئن اصطلاح ۽ مصرع جي ڪيفيت کي ڄاڻي سگهجي. مصرع جي هيٺان ضروري ۽ اهنجن لفظن جون معنائون، ماهرن جي نالن جي مخففن جي نشاندهيءَ سُوڌو ڏنيون ويون آهن. شاهه جي رسالن مان، گربخشاڻي صاحب، شاهواڻي صاحب، بلوچ صاحب ۽ شيخ صاحب جي رسالن مان معنائون ورتيون ويون آهن. معنائن جي جامعيت واسطي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي جوڙيل "نئين جامع سنڌي لغات" (ٽئي جلد)، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنڌيلي جي لغتن "تحقيق لغات سنڌي"، "اصطلاحن جي اصليت" ۽ "سچل لغات"، مرزا قليچ بيگ جي لغتن "لغات لطيفي" ۽ "سنڌي لغات قديمي"، سيد نجف علي شاهه ڪمتر نقويءَ جي لغت "ٻاروچي ٻولي"، سترامداس سائل جي لغت "سائل ڪوش" ۽ غلام اصغر ونڊير جي لغت "سنڌي ڪتمنڙا عرف اصطلاحات اصغر" مان پڻ معنائن کي ڀيٽيو ويو آهي ۽ ضرورت آهر معنائن کي درج ڪيو ويو آهي. جڏهن ته شاهواڻي صاحب جي ڏنل انهن معنائن کي نه لکيو ويو آهي جيڪي گربخشاڻي صاحب اڳ ئي لکي چڪو آهي. ڊاڪٽر فهميده حسين جي جوڙيل "سنڌي ڪلاسيڪي شاعرن جي لغت" ۾ گهڻي ڀاڱي مختلف لغتن ۽ شاهه جي رسالن مان معنائون آندل آهن، ان ڪري ان منجهان معنائون ڏيڻ جي گهرج محسوس نه ٿي. جڏهن ته محترم ج. ع. منگهاڻي جي ضخيم ڪتاب "شاهه لطيف جي ٻولي" (۲۰۰۶ع) ۾ پڻ سر ڪاموڏ جي لفظن ۽ ٻوليءَ تي بحث ڪيل ناهي. شاهه جي اصطلاحن تي مضمونن جو هڪ سلسلو پروفيسر مظهر علي قريشيءَ جو چئن قسطن ۾ ماهوار "پيغام" ڪراچي ۾ ڇپيل هو، جنهن مان هڪ قسط ۾، "سُر مومل

راڳي، سر ڪاموڏ ۾ سر گهاتوءَ جا اصطلاح" ڪَني ڏنل آهن، ان مضمون منجهان، سُر ڪاموڏ جي ڪِن معنائن کي پڻ لاڳاپيل هنڌن تي شامل ڪيو ويو آهي. اصطلاحن جي آڳاٽي ڇپيل ڪتاب "سنڌي ٻوليءَ جي سونهن" مان پڻ ڪن معنائن کي درج ڪيو ويو آهي. معنائن جي داخلائن کان پوءِ، "مطلب" جي سِري هيٺ، ليڪ پاران اصطلاحن جي مفهوم ۾ معنيٰ کي واضح ۽ مترشح ڪيو ويو آهي. اصطلاح جي وضاحت ۾ تشريح سان، مثبت ۽ تعميري رويو رکندي، پورو پورو اختلاف رکي سگهجي ٿو، ڇاڪاڻ ته ليڪ جو اولين مقصد "شاهه جي اصطلاحي لغت"کي سمجهڻ ۾ سمجهائڻ آهي.

### اصطلاح جو مفهوم ۽ سمجهاڻي:

تقرير ۽ تحرير توڙي خاص اهميت واري ڳالهه ٻول ۾، خيالن ۽ سوچن، احساسن ۽ اُڌمن جي، جامع، پُر اثر ۽ بهتر کان بهتر اظهار واسطي چونڊ لفظن جو استعمال ڪيو ويندو آهي، جنهن ۾ اها ڪوشش پڻ ڪئي ويندي آهي، ته اهڙا لفظ ڪتب آڻجن جن جي لغوي معنيٰ سان گڏ اصطلاحي معنيٰ پڻ هجي. جيڪا اُنهن لفظن کي اضافي سگهه پڻ بخشي. اها اصطلاحي معنيٰ وقت ۽ حالتن جي گذر منجهان لاڳاپيل لفظن ۾ سمائجي ويندي آهي ۽ سماج ۾ مستعمل رهندي آهي، جنهنڪري ان کي رواجي يعني رواج ۾ آيل معنيٰ پڻ چيو ويندو آهي. ان ڪري "ٻوليءَ جي ڳالهايل يا لکيل بيان/ جملي جو اهڙو جز جيڪو فعلي صورت ۾ ڪنهن جملي ۾ لغوي معنيٰ کان هٽي ٻوليءَ ۾ رواج پٽاندر يعني لغوي اعتبار کان ٻي معنيٰ ڏئي، ان کي 'اصطلاح' چئجي."(جوکيو، ۲۰۰۹: ۱۱۰) ان اصطلاحي يا ٻيءَ معنيٰ جي پوري ڄاڻ ڳالهايل يا لکيل جملي منجهان وڌيڪ سٺيءَ طرح ڄاڻي سگهبي آهي. ان ڪري، هيٺ شاهه جي سر ڪاموڏ ۾ آيل اصطلاحن جي معنيٰ واسطي، لاڳاپيل شعري سِٽ/مصرع پڻ لکڻ ضروري سمجهي وئي آهي.

### سُر ڪاموڏ جا اصطلاح:

#### ۱. آتَڻَ اُجارِڻ:

گوندرَ لاهيو، گندرِيُون! آتڻَ اُجاريو. (ش، ۲: ۱۳)

آتڻ اجارئو جي معنيٰ پنهنجا گهر تڙ سوري ٻهاري، صاف ڪريو (گر).





آتڻُ: گهر، ايٽ ڪتڻ جي جاءِ (سنڌيلو). آتڻَ: اُهي پيٽيون جتي ڳوٺ جون زالون مڙي سڙي ويهي سُٽ ڪتينديون آهن (نقوي). ڪَتڻ واري جاءِ (بل). زالن جي ڪتڻ جي جاءِ. ويهڻ جو هنڌ (سائل).

اجارئو: سهڻي [طرح] صاف ڪريو (بل).

اجارئو/اجاريو: هي سونارن جو اصطلاح آهي، جيڪڏهن سونو [سونَ] يا چانديءَ جو ڪو زيور گهڻو وقت رکڻ جي ڪري ميرو ٿي ويندو آهي، ته ان کي سونارا مانجهي، مهٽي، ڏوئي پوئي اهڙو صاف ڪري ڇڏيندا آهن جو بلڪل نئون پيو معلوم ٿيندو آهي. انهي عمل کي چوندا آهن 'اجارڻ' = اجارڻ مصدر مان امر: اوهين اجرا ڪريو: صاف ڪريو. (ا-مر = اصطلاحي معنيٰ) ٻهاري ڏئي گند ڪچرو ڪڍي (آتڻ) صاف ڪريو (نقوي).

اجارڻ: صفا ڪرڻ، سنوارڻ، چلڪائڻ، روشن ڪرڻ، اُجالڻ (سنڌيلو). چمڪائڻ، چلڪائڻ، صاف ڪرڻ، اوجل ڪرڻ. ماڃڻ (سائل).

"گنجَ" ۾ "اُجاريو" بدران "اجارهو" آيل آهي.

**مطلب:** متينءَ سِٽ ۾، شاهه لطيف "آتڻ"کي رواجي "سُٽ ڪتڻ جي جاءِ" جي معنيٰ ۾ ڪتب ناهي آندو، ڇاڪاڻ ته گوندرَ يعني ڳُٽتيون ۽ ڳاراٽا، ماٺهوءَ جي اندرَ، مَن، ۾ هوندا آهن جيڪي سندس جيءَ کي مستقل جوکي ۾ وجهندا آهن. انهن مان جند تڏهن ئي آجي ڪري سگهبي، جڏهن پنهنجي اندرَ يعني منَ کي صاف ڪبو. اُجارڻ معنيٰ چمڪائڻ، روشن ڪرڻ، صاف سترو ڪرڻ. روشني تازگيءَ جي نشاني آهي، ۽ اُجارَ سان مَن ۾ تازگي اچي ٿي، تنهنڪري "آتڻ اجارڻ" جي اصطلاحي معنيٰ بيهي ٿي: مَن کي اُجرو، صاف سترو ڪرڻ، اندر کي چمڪائڻ. سِٽ جي معنيٰ ٿيندي: گوندرن، غمن، ڳُٽتين، ڳاراٽن، پريشانين کان من کي اُجرو، صاف سترو ڪرڻ.

#### ۲. اُپيون اچڻ:

اچيو اُپِيَن پوءِ، حُجتَ پَڳِي راڻِيين. (ش، ۱: ۲۱)

اُپيون: ٻينيون (جتڪي) (نقوي).

سمين راڻين جا دعوائون ۽ دم سپ ڇڻي ويا ۽ مرتبي ۾ نوري کان پوئتي رهجي ويون (گر).

نوريءَ کي پنيان اڇي بيهن (ش).

**مطلب:** اُپو معنيٰ بيٺل، عُمودِي، بي سُڪونِيءَ جي حالت، جنهن ۾ قرار نہ هجي. ڄام تماچيءَ جون ٻيون راڻيون، نوريءَ کان پنتي ٿي پيون، جنهنڪري اُهي سندس پنيان بيٺل ٿي رهجي ويون ۽ اهو مانُ ماٺي نہ سگهيون جيڪو نوريءَ پنهنجي نوڙت ۽ نماڻائيءَ سان ماڻيو.

**٣. اُتر واءُ لڳڻ:**

لڳي اتر واءُ، ڪينجُهرُ هِندورو ٿِئي. (ش، ٢:٤)

اُتر: اُتر جو: اتر واري طرف جو: شمالي (نقوي).

جڏهن اتر جو هلڪو واءُ ٿو لڳي تڏهن ڪينجهر جي پاڻيءَ جون هلڪيون چوليون ۽ لهرون (ڄام ۽ نوري واري) ٻيڙيءَ کي هندورو ڪري ٽيون ڇڏين. (بل)

**مطلب:** اُتر واءَ معنيٰ اُتر جي هوا، جيڪا اتر طرف کان ڏکڻ ڏي گُهلي، پر جڏهن خصوصي طور "اتر واءُ گهلڻ" يا "اُتر لڳڻ" جي ڳالهہ ڪبي آهي تہ ان جي معنيٰ موسم جي بدلجڻ يعني سانوڻ جي وڃڻ ۽ سياري جي اچڻ، سيءَ جي شروعات جي هوندي آهي. رشيد ڀَٽي لکي ٿو، "اتر واءُ اسان وٽ مند جي مٽجڻ جي علامت آهي. سرءُ ختم ٿي سيارو اچڻ شروع ڪندو آهي تہ اتر لڳندو آهي. ٿڌيون هوائون، ڍندن تلائن ۾ ڪانهہ ۽ ڪنور، وڻن ٻوٽن ۾ پتن جا نوان گونچ، ماحول ۽ منظر دل ۾ عجيب ڪيفيت ۽ سرور پيدا ڪندا آهن. ان ظالم موسم ۾ من مست ٿي ويندو آهي، دل ڪيف ۽ سرور سان سرشار ٿي ويندي آهي، بي تحاشا مئي ۽ محبوب جي وصال جي خواهش ٿيندي آهي."(ڀَٽي، ١٩٨٨: ٢١-٢٢)

**٤. اکڙين ۾ ڪامَڻُ هجڻ:**

ڪو جو ڪامَڻُ مي، آهي اکڙين ۾. (ش، ٢: ١٣)





ڪامَڻ: (سن. ڪارمَڻَ) جادو، منڊُ (گر). جادو، اِندرجال (سنديلو). جادو (بل).

ڪامِڻُ: منڊُ، منتر، ڦِيڻو (سائل). جادو، ڪامڻي، سهڻي زال. ڪامڻي: زال، سگهڙ زال (قل).

ڪامَ: (ڪَر = خواهش ڪرڻ)، شهوَت، دنيوي خيال. ڪامَڻُ: (ڪر = ڪم+مَن = خيال ڪرڻ)، جادو. اِندرجال. ڪامِڻِي: (ڪَم = خواهش ڪرڻ)، سهڻي عورت. ڪامول (سنديلو).

ڪاموڏ: (سن. ڪامودَ، ڪم = خواهش ڪرڻ)، هڪ راڳڻيءَ جو نالو (سنديلو).

**مطلب:** شاهہ لطيف اکين/اکڙين بابت گهڻيون ئي سِٽون، مختلف خوبين، خاصيتن ۽ خصلتن سان سرجيون آهن، جن مان ڪي هن ريت آهن: "او قابِيلُ!* اَکين ۾، توکي بارِي بانَ" (يمن ڪلياڻ: ٦/٣)، "او قابِيلُ اَکين ۾، توکي تِکا تِيرَ" (يمن ڪلياڻ: ٦/٤)، "آهي آرَ اَکِين ۾، ناڪُئا ڪِج نِگاهہَ" (سريراڳ: ٥/٥)، "اَکِين کي آهِين، وَڏا وَجهہَ وِڙهَڻ جا" (آسا: ٢/١٧)، "اکڙين آرو، مونهان پُڇي نہ ڪيو" (آسا: ٢/٢٠)، "اَکِيَن ۾ اَٽڪاءِ، لالائِي لالَنَ جِي" (آسا: ٤/٢٠) ۽ "اَکِيَن مُون کي اوچِتو، اُتي اَڙايو"● (آسا: ٢/٢٧ [قاضي]). ان ئي تناظر ۾، ڪاموڏ جي مٿينءَ مصرع کي ڏسڻ گهرجي، جنهن ۾ پڻ اکين جي هڪ خصلت "ڪامڻ" جو ذڪر ڪيل آهي. هڪ معنيٰ موجب، "مي" يعني نوريءَ جي اکين ۾، جادُو ۽ منڊُ آهي، پر ٻيءَ معنيٰ ۾، جيئن سنديلي صاحب، مٿي ڄاڻايل اشتقاقن ۾ لکيو آهي، تہ "خواهش" بہ آهي جيڪا سُر جي نالي "ڪاموڏ" جي اشتقاق ۾ پڻ آندي آهي. ان "خواهش" کي هڪ حوالي سان "جنسي خواهش" بہ چئي سگهجي ٿو، جيئن احمد خان آصف مصراڻي لکي ٿو، "ڪاموڏ، ڪامديو، ڪامڻي سنسڪرت لفظ آهن، جن جو مادو 'ڪام' آهي... ڪاموڏ جي تلهن لفظن ۾ معنيٰ ٿي جنسي خواهش. اِها خواهش ئي پيار ۽ پاٻوهہ جو پائو آهي ۽ نسل جي واڌاري جو باعث پڻ."(مصراڻي، ١٩٨٨: ١٤٢) ڊاڪٽر فهميده حسين پڻ "اکين جي ڪامڻ" سان گڏ "نيڻن

* 'او قابيل' جي ٻِي پڙهڻي 'عُقابيلَ' بہ آهي، جيڪا وڌيڪ با معنيٰ ۽ ٺهڪندڙ آهي. جامع سنڌي لغات (جلد-٢) موجب:- عقابيل: عقاب پکيءَ جو پَر. تير-گز-ٻاڻ-آڳاٽي وقت جو تير جنهن جي پوئين چوٽيءَ ۾ عقاب جا کنڀ پوري وزن ۽ بيهڪ خاطر لڳل هوندا هئا. (بلوچ، ٢٠١٧: ١٣٩٠)

● هي ڇهہ ئي مصرعون شاهواڻي صاحب جي رسالي مان ورتل آهن.

جو ناز“ لکيو آهي ۽ ”ڪام“ کي ”جنس“ جي معنيٰ ۾ ڪتب آندو آهي. هُوءَ لکي ٿي، ”ڄام تماچيءَ کي نوريءَ جي نيڻن جي ناز ۽ اکين جي ڪامڻ ماريو هو ان ڪري ئي هن سُر جو نالو ’ڪاموڏ‘ رکيو ويو آهي. ’ڪاموڏ‘ جي معنيٰ آهي ’ڪام وهيٽي‘ ۽ ڪام ڇا کي چئبو آهي اها اسان سڀني کي خبر آهي. عام طرح ’ڪام‘ لاءِ ’عشق‘ اکر ڪم آڻيندا آهن پر اصل ۾ ’ڪام‘ معنيٰ ئي جنس (sex) آهي ۽ شاهُ تماچيءَ جي اهڙي ڪيفيت جو بيان هڪ ڪان وڌيڪ بيتن ۾ ڪري ٿو: ڪو جو ڪامڻ مي آهي اکڙين ۾،/ تن تماچيءَ ڄام جو، نايو پايو ني،/ عشق ايءَ ڪري، جئن ڄارو ڄام ڪلهي ڪيو.“(فهميده، ۱۹۹۳: ۳۲۹) ٻئي طرف، جيڪڏهن ”خواهش“ کي نوريءَ جي ڪردار جي تناظر ۾ ڏسجي، ته نوريءَ جي اکين ۾، هڪ خواهش، پنهنجن ماڻهن جي سَرهائيءَ ۽ خوشحاليءَ جي به آهي. جڏهن وقت جو حاڪمُ ڄام تماچي، ڄارُ ڪلهي تي کڻندو، ته ڪينجهر واسين ۾ اوس سَرهائي ۽ خوشحالي ايندي. مرزا قليچ بيگ پاران ”ڪامٽي“ جي ڏنل معنيٰ ”سگهڙ زال“ ۾ آيل ”سگهڙ“ پڻ ڌيان ڇڪائي ٿي، جنهن مان اکين ۾ سگهڙائپ جي معنيٰ به جُڙي سگهي ٿي.

**۵. اکين جو تارُ هئڻ:**

آهِيين تارُ اکين جو، وتان مون مَر وَڃيج. (ش، ۲:۱)

**مطلب:** تارُ تذڪارَ کي چئجي. جنهن کي ڏسڻ سان اکين کي سُڪون ملي، اکين جو تاءُ ٺَري، اهي ٺڏيون محسوس ٿين. انتظارَ، ڳڻتي ۽ ڳاراٽي سان گڏ مَن جي بيچيني ختم ٿئي، ته ان کي ئي اکين جو تار چئبو آهي يعني اهو گهڻو پيارو ۽ بيحد وڻندڙ انسان ٿي پوندو آهي، جنهن کان سواءِ هڪ پَل به گهارڻ اوکو هوندو آهي.

**٦. اڳُ اُونچو ٿيڻ:**

اُونچو ٿِيومِ اڳُ، مون ڪَرُ، مَلاحن ۾. (ش، ۲:۲)

اَڳُ: مُنهن (گر). ڳاٽُ (ش).

ڪَرُ: (سن. ڪَرَ = هٿ) سينو ڳاٽ، ڪنڌ (گر). ڳاٽ، ڳچي (شيخ).

**مطلب:** مانُ مٿاهون ٿيڻ. نوريءَ اخلاقي ۽ سيرت ڀريءَ هلت سان پنهنجن





ماڻهن، عزيزن ۽ قريبن ۾ عزت ماڻي. سندس مانُ مٿاهون ٿيو ۽ سِرُ نه جُهڪيو.

**۷. اَمُلَ ڏيڻ:**

اُتي عبداللطيفُ چي، اُچَلي اَمُلَ ڏِنائين. (ش، وائي: د-۱)

امل: املهه، لاثاني (سنڌيلو). املهه ماڻڪ (بل). (اَ = نه + مُلَ = ملهه: قيمت): (هيرا) جن جي ڪا به قيمت نه هجي: بي بها: (موتي): اهڙا موتي يا هيرا جن جو ملهه ڪٿي نه سگهجي: اَملهَ (جمع) (نقوي). بي بها، امولڪ، قيمتي (سائل).

**مطلب:** اَمُل معنيٰ بنا ملهه وارا. اصطلاحي طور قيمتي ۽ ملهائتا، وڏي قدر وارا. امل اُچلي ڏيڻ معنيٰ قيمتي ۽ ملهائتا (ماڻڪَ، موتي) ججهي انداز ۾ ڏيڻ، جنهن جي ڏيڻ ۾ ڪا هٻڪ نه ٿئي.

**۸. انڌا منڊا اچڻ:**

انڌا منڊا آئيا، سَخا سَڏُ وِڌائِين. (ش، وائي: د-۱)

انڌا منڊا: محتاج، سوالي (بل).

**مطلب:** جسماني طور معذور ماڻهن کي، عيب ڀٽاندر ڪنهن کي انڌو ۽ منڊو سڏيو ويندو آهي. اصطلاحي طور ”انڌا منڊا اچڻ“ جو مفهوم آهي: عام گُهرجائُو، سَوالي، محتاج، مسڪينَ، ڪنگال ۽ غريب غربا اچڻ.

**۹. انعام/انعامي ٿيڻ:**

اُنين کي اِنعامُ، مَجَرُ مِڙوئي ٿيو. (ش، ۱:۱۴)

جي ڪينجهرِ، جي رُومَ، سي سڀ انعامِي ٿيا. (ش، ۱:۱٦)

ڪينجهرُ سڀُ ڪُلِي، اُنِي کي انعامي ٿئو. (بل، ۴:۱۴)

ڪينجهرُ سڀُ ڪُلِي، تَنِ اگهاڙن انعام ٿِيو. (گنج، ۳:۷)

جن تي ڏَنَ هئا ڏوڙا، سي سڀ انعامي ٿئا (گنج: ۱:۱۳. بل، ۲:۱۵)

انعام: (عربي نعم) بخشش: چڱي ڪم ڪرڻ جو سٺو عيوضو (نقوي).

انعامي: انعام رسيدو (گر). انعام وٺڻ وارو (ش). انعام جي لائق (قل). انعام جي لائق: بخشش جو حقدار: انعام يافتہ جنهن کي انعام ڏنو ويو هجي (نقوي).

انعامي ٿيڻ: انعام ملڻ (ش).

ميرُ: ڪينجهر جي ڏيئي، جا ڄام تماچيءَ مهاڻن کي انعام ڏني (گر). وٽن جي ساون پنن وارو ڪَڄُ ۽ ٻُورُ (بل).

ڪُلي: سڄي، ساري (شيخ).

انعامي ٿيو: انعام ۾ مليو، بخشش ۾ مليو، تحفي ۾ مليو (شيخ).

ڏوڙا: ڏوٽا، ٻيٽا، ڌُهرا، ڳرا (شيخ).

روم: آڳاٽي زماني ۾ يورپ جي ڏاکڻي پاڱي کي روم سڏيندا هئا، جنهن ۾ اٽلي، يونان، ترڪستان شامل هئا. روم مان هتي مراد آهي ڏارانهون ملڪ (گر) يورپ جا ملڪ، ڏورانهان مُلڪ (ش).

**مطلب:** انعام جا ٻيا متبادل سوکڙي، تحفو، بخشش ۽ عطيو آهن. انعامُ سٺيءَ ڳالھ، نتيجي، نبيري يا خوشيءَ جي موقعي تي ڏنو ويندو آهي. ڄام تماچيءَ سان نوريءَ جو وهانءُ ٿيڻ خوشيءَ ۽ مسرت ڀريو موقعو هو، جنهن سان سڄي ٿر ۾ شادمانا ٿي ويا ۽ چَوڏسا سرهائي پکڙجي وئي. ان ڪري، وقت جي بادشاھ ڄام تماچيءَ غريب مهاڻن، جن جي تن تي پورو لٽو ڪپڙو بہ نہ هو، مٿان انعامن جو مينهن وسائي ڇڏيو. بادشاھ پاران اهو انعام صرف رواجي موتين ۽ ماڻڪن جو انعام نہ هو، پر ڏنُ معاف ٿيڻ، سُک ۽ سهولتون ڏيڻ ۽ قرض معاف ڪرڻ جو انعام بہ هو. اها ڄڻ تہ انهن جي عزت افزائي بہ ٿي. وڏي ڳالھ تہ ان انعام ۾ ڪينجهر ڍنڍ بہ مهاڻن جي حوالي ٿي، جنهن سان منجهن خوشحاليءَ جي نئين دَور جي شروعات ٿي. انعام/انعامي ٿيڻ مان مراد بخشش، عطيو، سوکڙي يا تحفو ملڻ آهي.

### ۱۰. انعامِي ڪرڻ:

عالَمُ انعامِي ڪِيو، نوريءَ ناز ڪري. (ش، وائي: د-۲)

نوريءَ ناز ڪري، عالم انعامي ڪِئو. (گنج، ۱۶:۳)





عالم: ع. ساري دنيا. هتي سڀ مهاڻا (گر).

**مطلب:** هڪ پاسي، ڄام تماچيءَ پنهنجي وني نوريءَ جي ڪري، ڪينجهر جي سڀني مهاڻن تان محصول معاف ڪيو ۽ کين ڏنَ کان آجو قرار ڏئي، انعام اڪرام ڏنا. ٻئي پاسي، تنهن جي موٽ ۾، نوريءَ بہ ڄام تماچيءَ کي پنهنجي محبت، نياز، نوڙت، نهٺائيءَ ۽ ناز سان، ڄڻ تہ سنسار جي سونهن ڏِئي، سمورو عالَم، انعام طور ارپيو ۽ کيس بہ انعامي ڪيو. ڪينجهر واسي انعامي ٿيا، پر ڄام تماچي انعامي ڪيو ويو. ان لحاظ کان نوريءَ پاران انعامي ڪرڻ وڌيڪ مقدم محسوس ٿئي ٿو. ڏسجي: انعام/ انعامي ٿيڻ.

### ۱۱. اڻ سِڌو ڪو نہ رهڻ (انڪاري/ناڪاري):

ڪوڙيين ڪاڄَ سِڌامِ، اڻ سِڌو ڪو نہ رهيو. (ش، ۳:۲)

ڪوڙين: ڪئين (بل).

ڪاڄ: (پرا. ڪاڄَ / سن. ڪاريَہ) ڪم، ڪاريون، مرادون (گر). خوشيءَ جا جشن (بل). مطلب (شيخ).

سڌام: منهنجا سڌا يا پُنا. مصدر سڌڻ. (سن. سِڌَ = پُنو) راس ٿيڻ، پڄڻ (گر). منهنجا پورا ٿيا. اڻ-سڌو = پورو نہ ٿيل غير مڪمل (بل). پورا ٿيا (شيخ).

**مطلب:** اَڻ معنيٰ نہ (هڪ اڳياڙي) ۽ سِڌو معنيٰ جنهن ۾ ڦير، وِڪڙ يا ونگ نہ هجي. اصطلاحي طور اڻ سڌو ڪو نہ رهڻ معنيٰ سنئون، صاف سترو ٿي وڃڻ، وهنوارڪ ٿيڻ، جهيڙاڪي ڇڏڻ، جيڪي بہ معاملا ۽ مامرا هجن، تن مان ڦند ۽ ڦير، دوکو ۽ دَلبو نڪري وڃڻ.

### ۱۲. اوتَ اوتڻ:

گندگيءَ گوشو ڪيو، عطر اوتَ اوتيائين. (ش، وائي: د-۱)

اوت: پلٽ، ريلو (ش). (گ. مر. اوتَ) پلٽ، ريلو. مصدر اوتڻ. (گر). پلٽ: پالوٽ: ڪنهن پاڻياٺي يا سيال شيءِ جو گهڻي انداز ۾ مٿان ڪرڻ واري حالت (نقوي).

پالوت (شيخ).

اوت اوت: جام، گهڻو (قل).

اوتَڻُ: پلٽڻ، پائڻ، وجهڻ، هارڻ، ليٽائڻ (ٽانءُ) (سنديلو).

گوشو ڪئو: برطرف تي وئي، پاسي ٿي وئي، گم ٿي وئي (ف. گوشہ = ڪنڊ، پاسو) (گر).

گوشو: پاسو، علحدگي (شيخ).

اوٽائين: پلٽيائين (شيخ).

اوت اوتڻ: گهڻو چٽڻ/پالوت ڪرڻ (قريشي).

**مطلب:** گندگيءَ سان بدبوءِ ۽ صفائيءَ سان خوشبوءِ ٿيندي آهي. گندو ماحول ڌڪار جوڳو ۽ اُجرو ماحول چڪيندڙ ٿيندو آهي. ٻئي هڪٻئي جو ضد آهن. هڪ جو وڌڻُ، ٻئي جي گهٽجڻ سان ڳنڍيل آهي. لاڳيتو اوتڻ کي 'اوت اوتان' چئجي، جنهن مان ججهائيءَ جي ڪَٿ ڪري سگهجي ٿي. عطر اوت اوتڻ مان مراد پڻ خوشبوءِ جي مسلسل ۽ ججهي مقدار ۾ پالوت ڪرڻ آهي، تہ جيئن گندگيءَ کي وڌڻ جو موقعو نہ ملي. گندگي برائيءَ جي ۽ عطرُ چڱائيءَ جي علامت آهي. ان ڪري ان جو ڦهلاءُ ضروري آهي. اوتَ مان مراد اُمنگ يا جذبو پڻ آهي، ان لحاظ کان، 'عطر اوت' هڪ چڱائيءَ ڀريو جذبو پڻ آهي جيڪو ماڻهپي جي احساس جي ترجماني ڪري ٿو.

### ١٣. اُونچي ڳاٽ اچڻ:

ڪُوءِ سَميون! ٻَن سومريُون! جي اچِن اُونچي ڳاٽِ. (ش، ١:٢٦)

اونچي: (سن. اُچَيِ) سڌي، ڪڙي (گر).

ڳاٽ: (سن. ڪَنٹُ) ڪنڌ، ڳچي (گر).

اونچي ڳاٽ: ڳاٽ ڪنيو، يعني تيڪر يا بيپرواهيءَ سان (گر). مغروريءَ سان (مسافر).

ڪوءِ: ڪوهہ پيون، ڪڏ پيون (بل).





ٻَنِ: ٻن پيون، پل ٻُڏيون (بل).

ڪوءِ پيون ٻن پيون: گهوريون، صدقي ٿيون (بل).

اچن اونچي ڳاٽ: ڳاٽو مٿي ڪري هَٽ ۽ وڏائيءَ سان هلڻ، سامهون اچن (بل).

اونچي ڳاٽ اچڻ: لاپرواهيءَ سان هلڻ (قريشي).

**مطلب:** اونچي ڳاٽ اچڻ معنيٰ آهي آڪڙ ۽ گهمنڊ سان اچڻ، هَٽ ۽ وڏائيءَ سان هلڻ، ٻين کي گهٽِ ۽ پاڻ کي اُتم سمجهڻ. آڪڙيلي ماڻهوءَ جو ڳاٽ چڪجي ويندو آهي ۽ نظر اُڀ ڏي رهندي اٿس، لاپرواهي سندس من ۾ ويهجي ويندي آهي، جنهنڪري وقت تي ڌڪ کائيندو آهي. ان ڪان سواءِ آڪڙيلو ماڻهو سماجي طور پنهنجن ماڻهن کان ڪَٽجي، هيڪلو پڻ ٿي ويندو آهي. شاهہ سائينءَ آڪڙ کي نِنديو آهي.

### ١٤. ٻاهہ ٻرڻ:

هيڏيءَ وِيرَ ڪِئاءُ، ڪينجهر ۾ ٻاهہ ٻَري. (بل، ١:٣)

ٻاهہ ٻرڻ: دل جلڻ، اندر سڙڻ (سنديلو). اڻ سهہ ڏُک ٿيڻ. فساد ٿيڻ (سائل).

هيڏيءَ وير: هيڏي اونداهيءَ واري وقت ۾ (بل).

ڪِئاءُ: ڪِٿان! ڪيئن! (بل).

**مطلب:** مٿينءَ مصرع جي بيت جون ٻہ ٻيون سٽون، بلوچ صاحب، هن ريت ڏنيون آهن: "نَڪو وَرن وِج جو، نَڪو چند اُهاءُ،/ لَٿو پاندُ مُهاءُ، ميءِ چڙهندي مَڪُري." ان لحاظ کان هيءُ شاهہ سائينءَ جو عڪسِي بيت آهي، جنهن مان پڌرو آهي، تہ گهڻي اونداهي ٿي وئي آهي، ڪنوڻ بہ تجلا ڪا نہ پئي ڏئي، تہ چنڊ بہ اپريل ناهي، ان سَمي نوريءَ جي مُک جي روشني، ڪينجهر ۾ ٻاهہ جيان پئي لڳي. ان مفهوم منجهان، نوريءَ جي مُنهن مان ڦٽندڙ روشنيءَ جي ججهائي، شدت ۽ تاءُ پڌرو ٿئي پيو: يعني ٻاهہ ٻرڻ مان روشنيءَ جي شدت، تاءَ ۽ ججهائيءَ جي معنيٰ نڪري ٿي. ان لحاظ کان، اِتي، سنديلي صاحب ۽ سائل صاحب جي ڏنل اصطلاحي معنيٰ نهڪندڙ نہ آهي، جيتوڻيڪ اها ڪنهن ٻئي تناظر ۾، صحيح بہ آهي. مثال طور، ڪنهن ماڻهوءَ جي من ۾ ٻاهہ پئي ٻري، يعني سندس اندر پيو سڙي ۽ رجهي.

**١٥. ٻانڊِيين سِرِ رهڻ/وِهڻ:**

رهن، وِهَنِ سِرِ ٻانڊِيين، سِپيئي بدبوءِ هاڻُ. (ش، ١٢:١)

رهن وِهَنِ سِرِ ٻانڊِيين، سِيڪا بدبوءِ هاڻُ. (گنج: ١٦:١)

رهن ٻَهَنِ سِرِ ٻانڊِيين، دور دران ديرونِ. (گنج: ١٩:٣)

رهن ٻهن: وهن (شيخ).

سِر: تي، مٿان (گر).

ٻانڊي: ٻانڊُو، مٽي ٻڌڻ جو ڪپڙو، مڇي مارڻ لاءِ جيڪو ڪاٺ وغيره درياهه ۾ وجهي بند ٻڌندا آهن. ڪاٺ، بُند، درياهه (قل). ڪاٺ، ڪَکَ پَن، ڪِچرو. درياءَ جي پاڻيءَ ۾ لُڙهي آيل ڪَک پَن، ڪاٺيون، ڪِچرو، ڍنگهر وغيره گڏ ٿي اڙجي ويندا آهن. ان کي ٻانڊي چئبو آهي. اهو ڪاٺ جو ٽڪرو جيڪو تري اچي سمنڊ جي ڪناري سان لڳي، ان کي ٻانڊي چئبو آهي (ٿَلهو).

ٻانڊين: تانگهي پاڻيءَ تي اڏيل پيهي (مسافر).

ٻانڊيين: مڇي ڦاسائڻ جي مانداڻ (ش). ٻانڊين تي. پاڻيءَ لڳ وڏن ٻنڊن تي، پاڻيءَ ۾ وڏن ٻنن تي (بل).

بدبوءِ هاڻ: بدبوءِ هاٽيون (گر).

**مطلب:** رواجي معنيٰ موجب، مهاڻا بُوءِ هاٽن هنڊن تي، ڪِن ڪچري ۽ گندَ سان رهن ٿا، جتي اهي گذر سفر لاءِ مڇي ڦاسائيندا آهن، ان هنڌ کان سواءِ سندن سَرندي ناهي يا اهي ان ماحول سان ٺي هريل آهن. ڪَکن پنن، ڪِچري وغيره سان رهڻ ۽ وهڻ. مٿين معنائن مان منصور ٿلهي جي معنيٰ ٺهڪندڙ لڳي ٿي.

**١٦. ٻِيڙو ٻَڌڻ:**

سَمي سُجاڻِي، ٻِيڙو ٻَڌسِ ٻانهن ۾. (ش، ٢٣:١)

ٻِيڙو: ڳاني، هڪڙو زيور ٻانهن جو (قل). سڳڙو، مشڪ. نافِ آهو (سنديلو). سڳڙو (ش). شادي ڪرڻ (ش). نڪاح جو ڳاڙهو سڳو (مسافر). (شاديءَ جي هڪ رسم





موجب) سڳڙو، ڳانو (شيخ).

ٻِيڙو ٻَڌڻ: (سنڌي اصطلاح). مڱڻي يا پرڻي وقت گهوٽ جي طرفان ڪنوار کي ڪرائيءَ ۾ ڳاڙهيءَ اُن يا سُٽ جو سڳڙو ٻڌندا آهن، جنهن مان ”ٻيڙي ٻڌڻ“ جي معنيٰ آهي: مڱڻ يا پرڻجڻ (گر). رنگين ڏورو يا ڳانو، جنهن ۾ سرهاڻ جي مُوڙي ٻڌل هوندي، جيڪو شاديءَ جي رسم طور ڪنوار ۽ گهوٽ کي ٻڌن (بل). شاديءَ جو ڳانو ٻڌڻ (سائل).

**مطلب:** ٻيڙو ٻڌڻ معنيٰ ڳانداپي ۾ اچڻ، تعلق ۾ سلهاڙجڻ، سچي حياتيءَ جي نياءَ جو اظهار ڪرڻ، جنهن جي ظاهري نشانيءَ طور ڳانو يا سڳو ٻانهن ۾ ٻڌجي ٿو. ڄام تماچي سَمي، نوري نماڻيءَ کي سجاڻي، سدا لاءِ پنهنجو ڪيو، جنهن واسطي سندس ٻانهن ۾ ٻيڙو ٻڌو.

**١٧. ٻِيڙو پوئڻ:**

ٻِيڙو پوئي ٻانهَ ۾، ٻِي نہ ٻَڌي ڪا. (بل، ٦:٣)

ٻِيڙو پُوئي ٻانهَن ۾، ٻِي نہ ٻَڌي ڪاءِ. (گنج، ٩:٢)

**مطلب:** گنج ۾ آيل ”پُوئي“ کي بلوچ صاحب ”پوئي“ ڪري لکيو آهي، جيڪو وڌيڪ صحيح ٿو لڳي. ان جو مصدر ”پوئڻ“ ٿيندو يعني سهڻي طرح ٻڌڻ/ بيهارڻ. ٻيڙو پوئڻ معنيٰ ڏاڳو/سڳو ٻڌڻ. ڏسجي: ٻِيڙو ٻَڌڻ.

**١٨. ياڪر پائڻ:**

ياڪَر پائي پَنَ کي، پاڻيءَ ۾ پيبون. (گنج، ٨:١)

پَنُ وجهڻ/هٽڻ: ڄار وجهڻ (مڇين ڦاسائڻ لاءِ) (بل).

ياڪر پائڻ: ڳرهاٽڙي پائڻ، ڳَري لڳائڻ (بل)

**مطلب:** پَن کي چڱيءَ طرح پَڪڙڻ ۽ هٿيڪو جهلڻ. مهاڻيون پاڻيءَ ۾ گهڙڻ کان اڳ، ڄار کي چڱيءَ طرح پڪڙي، هٿيڪو جهلي، پاڻيءَ ۾ گِهڙي پيون.

**١٩. يَنَ يَرڻ:**

پُر ڪئائون پنديون، منجهان يَنَ يري. (گنج، ١٦:٣)

يَنُ: وڏو ڄار (مڇيءَ کي ڦاسائڻ لاءِ)، رَڇُ (بل). رڇ، ڄار (قل). ٿنب جي پنئتل واري پاسي ڪيرَن ۾ گول رڇ پٽاريندا آهن. ان جي مٿان ڪنڌي پٽري جيان لڳائيندا آهن، جنهن کي پٽرو ۽ ڪنڌي-ڪيڙ بہ چوندا آهن. مڇي رڇ کي لڳي ٻَنَ طرف سرندي يَنَ ۾ پهچندي آهي ۽ ان کي ٻاهر نڪرڻ لاءِ جاءِ نہ ملندي آهي. سنڌيءَ ۾ يَن، ٻن محاورن سان ڪم آڻبو آهي: (١) وڃي ينَ ۾ پئو: اسان جو ڇا؟ (٢) ”ڦلاٽي جا گهٽا ئي يَن پريا اٿئون“ يعني ڇَٽيون پريون اٿئون.(رڪٽائي، ٢٠٠٦: ٨١)

يَنَ يَرڻ: نقصان سهڻ، عيوض ڏيڻ، گاس سهڻ (گهنشامداس). نقصان سَهڻ، ڏنڍ پري ڏيڻ، ڇَٽيون پوريون ڪرڻ (اصغر).

يَنُ يَرڻ: تاوڻ يا ڇَٽي يرڻ. نقصان جو پورائو ڪرڻ (بل).

**مطلب:** هن اصطلاح جي معنيٰ تاوڻ يا ڇَٽي يرڻ، ڏنُ يرڻ، نقصان سهڻ ٺهڪندڙ آهي، جيئن بلوچ صاحب لکي آهي. مصرع ۾، ”يَنَ يري“ جمع جي صيغي ۾ ڪتب آيل آهي. مهاڻن ڏن طور، مڇين سان پنديون ڀرِتار (ڀرتار) ڪري ڏنيون.

**٢٠. تماچي ڳائڻ:**

تماچي جي تَڪيي، تون تماچي ڳاءِ. (ش، ٢٥:١)

تماچيءَ جي تَڪيين، تون تماچي ڳاءُ. (گنج، ٥:١).

تماچيءَ جي تَڪيي، تون تماچي ڪاءُ (بل).

ڳاءِ: تعريف ڪر (ش). ساراهہ (شيخ).

’تماچيءَ جي تَڪيي، تون تماچي ڪاءُ‘ سٽ جو مفهوم: تماچي = طمع جي يا طمع ۾ اچي، ڄام تماچي جي جاءِ (تڪيي) تي، ڄام تماچي اڳيان اچي، تون پنهنجي طمع ڪاءُ (طمع کي ڦٽو ڪر) (بل).

’تماچي جي تَڪيي، تون تماچي ڳاءِ‘: سٽ جو مفهوم: تماچي = نالي





منگتو: اي منگتا تماچي! تون ڄام تماچي جي رهائش گاهہ تي سندس آڏو ويهي ڳاءِ تہ تون ڄام تماچي وٽان تَڙُ انعام طور حاصل ڪرين (بل).

**مطلب:** ڪنهن جو ٿورو لاهي نہ سگهجي تہ ڳائجي، يعني ان ٿوري يا مهربانيءَ جو اعتراف ڪجي، ان جي مڃتا ڪجي ۽ ان کي واکاڻجي. تماچي ڳائڻ مان بہ اها ئي مراد آهي تہ ڄام تماچيءَ کي واکاڻجي، سندس تعريف ڪجي ۽ ٿورن کي ڳائجي، ساراهجي، ڇاڪاڻ تہ هُن ڪينجهر واسين تان ڏن معاف ڪيو ۽ ڪين انعام اڪرام ڏنا.

**٢١. پاندُ لهڻ:**

لَٿو پاندُ مُهاءُ، مي چڙهندي مَڪُرِي. (بل، ١:٣)

پاند: ڪپڙي جو پلاند يا پلئہ (شيخ).

لَٿو پاندُ مُهاءُ: منهُن تان پوتيءَ جو پاند لهي ويو (بل).

**مطلب:** مُنهن جي رونق جو ظاهر ٿيڻ، ديدار ٿيڻ، اندر جي روشنيءَ جو ٻاهر اچڻ. نوري نماڻي ٻيڙيءَ تي چڙهي رهي هئي، تہ سندس مُنهن تان لٿو هٽي ويو ۽ سندس روشن مُک ظاهر ٿي پيو. ’پاند جنين جي پاند سين، لڳو تئي لَڄَ‘، جي معنيٰ ٿيندي تہ، جن جي پاند سان (پنهنجي) پاند جو رڳو ڇهاءُ سان ئي (ماڻهوءَ کي) لڄ اچي.

**٢٢. پاڻ لڄائڻ:**

تان پينو تنهن دَراءُ، جي پَسِي پاڻُ لڄائيون. (گنج، ١٢:٣)

**مطلب:** لڄائيون معنيٰ شرمنده ۽ گهٽ ٿيون. ڄام تماچيءَ کي ٻئي در ويندي ڏسي، شرمسار ٿيون، تہ سندن مراد پوري نہ ٿي ۽ اهي نوريءَ کان گهٽ ٿي پيون.

**٢٣. پاٽِيَڪَ آٽڻ:**

پاٽيڪَ آٽي پاڻ سين، لَعلُون سپِ لُٽيائين. (ش، وائي: د-١)

پاٽيڪَ آٽي پاڻ سين، لَعل لُٽيائين. (گنج: د-١، وائي ١)

پاٽيڪُ: (سن. پاٽِيبَہ = پاٽي + اِيشتَ = مبالغي جي پڇاڙي) تمام پاٽيءَ وارا،

يعني آبدار موتي (گر). موتين جي ماده، نهايت اوچا موتي، ماڻڪ (بل). موتيءَ جو آب يا پاڻي، رونق، رنگ روپ، موتي، آبدار شيءِ (قل). پاڻيٺُ ج پاڻيٺَ: پاڻيءَ وارو - آبدار (موتي) - جوهر وارو. چڱي حسب نسب وارو. (ذ) موتي (بل).

پاڻيٺِ: پاڻيءَ جهڙي شيءِ. سيال ماده - پتڙي شيءِ. آلاڻ - پوسل - گهم - ترِي (بل). پَتڙي شيءِ، پرواهي پدارٿ. آلاڻ، ترِي، گهم. گوهر، موتي (سائل).

لالون: ڳاڙهي رنگ جا قيمتي موتي (شيخ).

لٽئائين: گهڻي انداز ۾ ڏنائين (شيخ).

**مطلب:** لغوي طور پاڻيٺ مان مراد پاڻيءَ جهڙي مائدار يا پَتڙي شيءِ آهي، جيڪا ڪينجهر ۾ عام جام ميسر آهي. نوري پاڻ سان پاڻيٺ آڻي ٿي، جنهن جي موٽ ۾ لعلَ ماڻي ٿي، جيڪا قيمتي شيءِ آهي، يعني بي ملهه شيءِ جي بدلي، ملهائتي شيءِ ماڻي ٿي. ان ڪري پاڻيٺ آڻڻ مان مراد ٿيندي پاڻ وٽ موجود بي ملهه شيءِ آڻڻ. جيڪڏهن پاڻيٺ جي معنيٰ ماڻڪ، موتي، جوهر وٺبي، جنهن جي آڻڻ جي موٽ ۾، نورِي لَعلُون لُٽي ٿي، ته پوءِ فرق ڳولي نه سگهبو. ساڳيءَ ريت، ”لٽيائين“ مان مراد ”گهڻي انداز ۾ ڏنائين“، جيئن ٻانهي خان شيخ لکي آهي، ٿيڻ جي بدران، ”ماڻيائين“ ٿيڻ گهرجي. جيڪڏهن ”لٽايائين“ هجي ها، ته پوءِ ٻانهون خان شيخ صحيح هو. ”لٽيائين“ ۽ ”لٽايائين“ ۾ وڏو فرق آهي، جيڪو نظرانداز ڪرڻ نه گهرجي.

**٢٤. پاڻي وجهڻ:**

لُڏڙن جيئن، لطيف چي، پاڻي وجهن پاڻُ. (ش، ١: ١٢)

لڏڙا: ڪتن جي مشابهه پاڻيءَ ۾ رهندڙ جانور (شيخ).

**مطلب:** پاڻيءَ ۾ تڙڳڻ، پاڻيءَ ۾ ڦيريون پائڻ، پاڻيءَ ۾ مستيون ڪرڻ. ٻئي طرف، لڏڙن جي تشبيهه بابت ڊاڪٽر امِ ڪلثوم شاهه لکي ٿي: ”پاڻي ۾ ٻي ڊپو ۽ ٻي اونهو لهڻ ۽ تڙڳڻ جي ڪري شاهه سائينءَ مهاڻن کي لڏڙن سان تشبيهه ڏني آهي.“(اُمِ ڪلثوم، ٢٠٠٤: ٢٩١) ان لحاظ کان، پاڻي وجهڻ مان مراد ٻي ڊپائيءَ سان اونهي پاڻيءَ ۾ لهڻ به ٿئي ٿي.





**٢٥. پاڻيءَ ۾ پوَڻ:**

ڀاڪرَ پائي ڀَنَ کي، پاڻيءَ ۾ پييون. (گنج، ١: ٨)

**مطلب:** پوَڻ معنيٰ ڪنهن شيءِ ۾ داخل ٿيڻ يا شامل ٿيڻ. هتي اصطلاح جو مطلب ٿيندو پاڻيءَ ۾ گِهڙڻ.

**٢٦. پيرو پاڪُ رکڻ:**

ڄامَ تماچيءَ لاءِ، پاڪُ رکيائين پيرو. (بل، ٣: ٣)

پيرو: پنهنجي بُت جو پيرو، پنهنجو بدن (بل). جسم، بدن، سرير (شيخ).

پاڪ: صاف، پوتر، اوجل، اڇت يعني غير ماڻهوءَ جي هٿ لائڻ کان پري (شيخ).

**مطلب:** غير يا نامحرم جي ڇهاءَ کان بچيل رکڻ. نورِي نوڙت ۽ نهٺائيءَ واري ته هئي، پر لڄ ۽ حياءَ واري به هئي، ته بري نظر کان بچيل به هئي. ڄام تماچي جيتوڻيڪ وقت جو حاڪم هو، پر ان به ڪو غلط رستو وٺڻ ۽ نوريءَ تي بَد نظر وجهڻ بدران، سَڱ گهرِي، نوريءَ سان لائئون لڌيون.

**٢٧. ڄارو ڪلهي ڪرڻ:**

عشقُ ايئن ڪَري، جيئن ڄارو ڄامَ ڪلهي ڪِيو. (ش، ٢: ١٣)

ڄارو ڄامَ ڪلهي ڪِئو، عشقُ ايئن ڪري. (گنج، وائي: د-٣)

ڪلهي: ڪلهي تي (ش).

**مطلب:** ڪو به ڪم ڪرڻ لاءِ راضي يا تيار هجڻ، خاص ڪري عشق محبت ۾، ماڻهو ڪم جي نوعيت ناهي ڏسندو، صرف ڪنيل ڪم جو نياءُ چاهيندو آهي.

**٢٨. ڄاماڻِي اَهلَ هجڻ:**

اَصلِ هُئي اُن کي، اَهلَ ڄاماڻِي. (ش، ١: ٢٣)

اَهل: نشاني، شڪل، نمونو، عادت، ڊول (قل). لاڙو، ڍَول، روش، طرز، ڍنگ يعني اصل کان ئي سندس ڍَول ۽ نمونو شاهاڻو هو (گر). هلڻ چلڻ وارو لاڙو، اُٺ ويهه ۽

هلت چلت وارو رُجحان (بل).

ڄاماڻي: ڄامن جي، شاهاڻي، بادشاهي (قل). ڄامن واري، وڏن چڱن واري (بل).

ڄاماڻي اهل هجڻ: حاڪماڻي هلت، روش هجڻ (بادشاهي ٻار هجڻ) (قريشي).

**مطلب:** ڄاماڻِي جي لغوي طور معنيٰ ڄامن واري ۽ اصطلاحي طور اوچي، مٿاهين، مٿئين پد واري، اتم ٿئي ٿي. ان لحاظ کان، ڄاماڻي اهل هجڻ مان مراد، اُتم طبيعت، مٿيرو رويو، اعليٰ روش ٿئي ٿي.

### ٢٩. ڄَہيرِنِ ۾ جُلڻ:

ڄامَ هٿ ۾ ڄارُ، جُلي ڄَہيرِنِ وچ ۾. (ش، ٦:٢)

ڄامَ هٿ ۾ ڄارُ، جُهلي جَهيرِنِ وچ ۾. (گنج، ٢٢:٢)

جُلي: سرا. هلي، وڃي (گر).

جُلڻ: ڇُرڻ. وڃڻ. هلڻ، اڳتي وڌڻ (سائل).

ڄَہيرن: جهيرن، مهاڻن جي هڪ ذات (ش).

جُهلي: جهومي ۽ جهولي (بل). اچي وڃي، هلي ڦري (شيخ).

جهيرن: گهٽ حيثيت وارن مهاڻن (بل). مهاڻن (جهير مهاڻن جي هڪ گهٽ حيثيت واري ذات جو نالو آهي) (شيخ).

**مطلب:** لغوي طور تي، نوريءَ جي ڪري، ڄام تماچي مهاڻن جي وچ ۾ هليو پيو وڃي. اصطلاحي طور چئبو، تہ اوچ نيچ جو فرق ختم ڪرڻ، حاڪم ۽ محڪوم جي وچ واري وٿي مِٽائڻ، عوام جهڙو ٿيڻ.

### ٣٠. چندُ جُهلڻ:

تنهن ڪي گندري چوَڻ گناهه، جنهن جي جهوليءَ چندُ جُهلي پِئو. (گنج، ١:٤)

سا مَرڪي ميربحرِ، جنهن جي جهوليءَ چندُ جُهلي پِئو. (گنج، ٢:٥)

جُهلڻ: لُڏڻ (قل).





جُهلي: لڏي، (جهلي پئو = ويٺو) (شيخ).

مَرڪڻُ: مصدر. پڌڻ-ٻٽاڪ هڻڻ-ڊاڙ هڻڻ-دم هڻڻ-لاف هڻڻ. ڦونڊ ۾ پرجي ڳالھ ڪرڻ. وڏائي ڪرڻ-فخر ڪرڻ. کِلڻ-خوش ٿيڻ. ڪڳيون هڻڻ-بغل نوڪڻ (بل).

**مطلب:** سُر ڪاموڏ جي پس منظر ۾، چند جو استعارو ڄام تماچيءَ لاءِ ڪتب آيو آهي. ان لحاظ کان، چندُ جُهلڻ مان مراد، نوريءَ جي هنجَ ۾ "ڄام تماچيءَ جو جهومڻ" آهي، ان ڪري هاڻ ڪيس عام مهاڻي سڏي نہ سگهبو (مصرع پهرين). ٻيءَ مصرع ۾ مَرڪڻ جون مختلف معنائون، بلوچ صاحب جي جوڙيل "نئين جامع سنڌي لغات" مان ڇاڻايل آهن. نوريءَ جي مزاج ۾ ٻٽاڪ هڻڻ يا وڏائي ڪرڻ شامل نہ هو، نہ ئي هوءَ تماچيءَ سان وهانءَ کان پوءِ ڦونڊ ۾ پرجي وئي هئي، ان ڪري اهي معنائون مصرع سان ٺهڪندڙ نہ آهن. جڏهن تہ تماچيءَ جي ملڻ سان نوريءَ ۽ سندس مهاڻن کي سُک، سهولتون ۽ خوشيون مليون، جنهنڪري اها معنيٰ وڌيڪ ٺهڪندڙ آهي.

### ٣١. ڇڏائي ڏيڻ:

تو سين ڄام! قريبِ، ڪِي ڏنُ ڇڏائي ڏيج مون. (ش، ١:٧)

تو سين ڄام قريبُ، ڏنُ ڇڏائي ڏيج مون. (گنج، ٢:١٧)

ڏنُ: محصول. سٽ جو مفهوم: اي ڄام! تون منهنجو ويجهو عزيز (پيتار) آهين، سو مهاڻن تان محصول معاف ڪرائي ڏي (ش).

قريب: ع. ويجهي، عزيز، مٽياڻي (گر).

ڏن ڇڏائي ڏيڻ: محصول معاف ڪرائڻ (قريشي).

**مطلب:** آجو ڪرائڻ، معاف ڪرائڻ، ختم ڪرائڻ.

### ٣٢. حُجتَ پَڄَڻُ/پڄڻ:

اڇيو اُپِيَن پوءِ، حُجتَ پَڳِي راڻِيين. (ش، ٢١:١)

حجت پڳي راڻيين: سيني سمين جون دعوائون پڄي پيون ۽ اهي نوريءَ کان مرتبہ ۾ پوئتي پئجي ويون (ش). دعوا، حقداري (شيخ).

حجت: ثابتي- دليل- بُرهان... گستاخي- حُج- اميد- آسرو- سَڌَ- تمنا (بل). دعويٰ (مسافر).

حجت پڄڻ: ٻئي کي ڪوڙو ثابت ڪرڻ (قل). دعوائون ختم ٿيڻ- هام پوري نہ ٿيڻ (قريشي). ٻئي کي ڪُوڙو ثابت ڪرڻ (سائل).

**مطلب:** حجت پڄڻ معنيٰ (ڄام جي اڳين راڻين جي) اوليت واري دعويٰ، حقداريءَ، اميد، آسري، ۽ خواهش جو ختم ٿيڻ. جنهن کان پوءِ انهن نوريءَ کي پَٽَ راڻيءَ طور قبول ڪيو. سائل ڪوش ۾ آيل معنيٰ هتي ٺهڪندڙ نہ آهي.

**۳۳. حِرفَت سان هيرائڻ/هيرڻ:**

سَمون سَيِن مُلاءَ، هيرِيائين حِرفَت سين. (ش، ۱:۲۰)

سين ملاءَ: سيني راڻين وچان (گر). ٻين سيني راڻين وچان (بل). ملاءَ/مُلان: وچان (شيخ).

حرفت: ڏاهپ، هوشياري، حڪمت، حرڪت، عقلمندي، مڪر (قل). سياڻپ، چترائي، عقل (گر). اٽڪل، حِيلي (بل). سياڻپ، ڏاهپ (شيخ). ڪاريگري-ڌنڌو-پيشو -ڪسب-ڪم-هنر-دستڪاري. گڻ-فن. علم. چالاڪي-تجويز-اٽڪل-ڪيڏ-ڏاهپ-هوشياري-حرڪت-حڪمت-عقلمندي-چَترائي-عَياري-مڪاري-ٺڳي-مَڪر (بل).

حرفت سان هيرڻ: اٽڪل سان پنهنجو ڪرڻ (قريشي).

هيريائين: پاڻ ڏانهن مائل ڪيائين (بل).

**مطلب:** حرفت جون معنائون مثبت بہ آهن، تہ منفي بہ. نوريءَ نياز ۽ نوڙت واري هئي، پنهنجائپ جو رويو هن جي مزاج ۾ شامل هو. ان ڪري حرفت جون منفي معنائون هن جي شخصيت سان ميل نہ ٿيون کائن. البت، هوءَ ڏاهِي، سياڻي، گڻائتي، عقلمند ۽ حڪمت واري هئي، جنهنڪري انهن خوبين سبب ڄام تماچيءَ کي پاڻ ڏانهن مائل ڪري ورتائين.





**۳۴. حرف لهڻ:**

جي سامَ سَمي ويِيُون، تن تان لٿو حَرفُ حسابَ جو. (گنج، ۱:۸. بل، ۲:۱۱)

حرف: حساب، پڇا ڳاڇا، ڏوراپو، ڏوهہ، عتاب، قصور (قل). اندازو، ڪَٿ، اڪر (شيخ). ڏوهہ-ڀل-خطا-قصور-عتاب-الزام-حساب ڪتاب-پڇا ڳاڇا-پڇاڙو (بل).

حساب: معاملو، حالت، هيئت. حساب ڪتاب، ليکو چوکو، ميار (قيامت ۾) (شيخ).

**مطلب:** پڇا ڳاڇا معاف ٿيڻ، عتاب جو ختم ٿيڻ. سام وِيَلن کان ڪو بہ پڇاڙو نہ ٿيندو.

**۳۵. حرف هٽڻ:**

ماڙيءَ چڙهيو مي، ٿي هٽي حَرفُ حسابُ جو. (گنج، ۲:۱۹)

حرف: اندازو، ڪَٿ، اڪر (شيخ). ڏوهہ-ڀل-خطا-قصور-عتاب-الزام-حساب ڪتاب-پڇا ڳاڇا-پڇاڙو (بل).

هٽي: لڳائي (شيخ).

**مطلب:** ڪَٿ ڪرڻ، اندازو لڳائڻ. نوري محل ۾ آئي تہ مٿس ذميواري وڌي وئي، گڏوگڏ پنهنجن مهاڻن ۽ مهاڻين جي غربت جو ليکو چوکو بہ ڪرڻ لڳي، تہ جيئن سندن جندُ ڏکين حالتن مان آجي ٿئي.

**۳۶. دَرِ اچڻ:**

تو دَرِ آيَسِ، سامَ، سَما ڄام! سامَ تُنهنجي. (بل، وائي: د-۴)

**مطلب:** پيش پَوڻ، حاضري ڀرڻ، محل ۾ اچڻ.

**۳۷. ڏُومَر ٿيڻ/پوڻ:**

ننڍيءَ وڏيءَ گندرِيءَ، مَٿي ماڙِيءَ ڏُومَر. (ش، ۱:۱۶)

ڏُومر: تِکَ، زور، هل، ڪاهہ، ٻوڙ (قل). ڌماڌم، ڌوڪ ڌوڪان، اچ وڃ (ش).

ڪاهہ، ڏوڪي اچڻ (مسافر). ڏُومر ج ڏُومُون: هُل، شور، گوڙ، آواز، لُڙ، ٻڪيڙو، گهمسان، ٻائيتال، غوغاءُ، ڪڙڪو، ماچانگ، هَنبَس، غلغلو، هنگامو، هلڙ، ڌمچر، ڌمچڪر، مَمڻ، خرخسو. چؤٻول، افواهہ، شهرت، ناماچار، ناموس، هاڪ، سراسر ۽ سربستو زور، ڌوڪ، ڪاهہ، حملو، تِک، زور (بل). لُڙ، گوڙ، شور، غلغلو. ڌمال، ڌانڌل، گڙٻڙ. ناموس، هاڪَ (سائل).

**مطلب:** ڊاڪٽر گربخشاڻي لکي ٿو: ”ڄام تماچي ڪڏهن ڪڏهن نوريءَ کي ساڻ ڪري، ڪينجهر جي پر واري هيلايا ٽڪريءَ تي خاص اڏايل ماڙيءَ ۾ وڃي رهندو هو. پوءِ نوريءَ کي ملڻ لاءِ مهاڻين جي ماڙي تي ڌوم پيئي پوندي هئي.“(گربخشاڻي، ۲۰۱۴ع، ص: ۸۱۷) ان ماڙيءَ جو ذڪر، مٿينءَ مصرع ۾ آهي. اصطلاحي طور مراد ٿئي ٿي، رونق وڌڻ، هلچل ٿيڻ، هاڪَ ٿيڻ، ناماچاري ٿيڻ. نوريءَ جي ماڙيءَ تي پهچڻ سان ئي، مهاڻين جي اچ وڃ ۾ هلچل وڌي ويندي هئي، جاڏي ڪاڏي رونق ٿي پوندي هئي، هر ڪا پنهنجي مراد ماڻڻ چاهيندي هئي.

### ٣٨. ڏهاڳُ مَر ڏيڻ (انڪاري/ناڪاري):

مون ڏهاڳ مَر ڏي، آئون جا نالي سُيَسِ تنهنجي. (ش، ۱:٦)

ڏهاڳ: مڙس جو وڇوڙو، بدقسمتي. ضد ’سهاڳ‘ (سنديلو). بد بختي، نياڳائي، ڪم نصيبي، اياڳ، زحمت، وڇوڙو، جدائي، فراق، ڦوڙائو، ڏک، مصيبت، تڪليف. مڙس جو وڇوڙو.ڪنهن زال کي طلاق ملڻ واري حالت، رنوڙ پٽي، رناپو، رنپڻ، طلاق. مڙس جو زال تي رنج يا ناراضپو يا اٽوٽت. (ضد. سهاڳ جمع سهاڳ) (بل). مڙس جي جدا ٿي وڃڻ يا مري وڃڻ کان پوءِ زال جي اڪيلي رهڻ واري حالت، جدائي، فراق (شيخ).

سُيَسِ: سُڄان ٿي، ٻڌڄڻ ۾ اچان ٿي (نالي سيَس= زال سڏجان يا ليکي وڃان ٿي) (شيخ).

نالي سيس تنهنجي: تنهنجي زال سڏجڻ لڳي آهيان (گر). تنهنجي زال آهيان. (ش).

**مطلب:** مر = نہ. ”ڏهاڳ مر ڏيڻ“ مان مراد آهي ڪنهن بہ طرح جو وڇوڙو نہ ڏيڻ، ڪا اٽوٽت يا ناراضگي نہ ڪرڻ. سر ڪاموڏ جي پس منظر ۾، ڄام تماچيءَ پاران مليل تعلق وارو رشتو نہ ڇنڻ: ياڳ، يا بخت نہ کسڻ ۽ پٽ راڻي هئڻ جي حيثيت قائم رکڻ.





### ٣٩. رُپي رانڊِ ڪرڻ:

ڏيئِي سونُ سُوالَ ۾، رُپي رانڊِ ڪِيائين. (ش، وائي: د-۱)

سوال: عرض، سائل جي صدا (ش).

رُپي راند ڪيائين: رپي کي راند، يعني تڇ سمجهي، پٺي لتياڻينس (گر). رپي جي تہ راند لائي ڏنائين، لُٽ لائي ڏنائين (بل).

رُپو ج رُپا: ذ. [سن. رئو پيم = چاندي] هڪ قسم جو قيمتي ڌاتو-چاندي-روپ-سِيمر. چانديءَ مان ٺهيل هڪ سِڪو-رُپيو (بل).

راند ڪرڻ: ڪيڏڻ. وندرڻ. رونشو ڪرڻ (بل).

**مطلب:** مٿينءَ مصرع جي پهرين پد ۾ چيل آهي تہ سوالَ تي سونُ ڏيئي ڇڏيائين يعني ڪنهن سائل جي صدا جي موٽ ۾ ان کي قيمتي شيون ڏئي ڇڏيائين، ۽ ٻئي پد ۾ ڄاڻايل آهي تہ سونُ سوال ۾ ڏيڻ کان پوءِ، رپين سان راند ڪرڻ لڳو. رُپو ڇئجي چانديءَ کي يا چانديءَ مان ٺهيل سِڪن کي، جن جِي حيثيت سونَ جي ڀيٽ ۾ تِڇ آهي. راند ڪرڻ مان مراد گربخشاڻي صاحب ۽ بلوچ صاحب لُٽائڻ/لُٽ لائي ڏيڻ ڏني آهي. ڏنو وڃي تہ ”لٽائڻ“ ۾ منفي مطلب شامل آهي، جيڪو هتي ٺهڪي نہ ٿو. فارسي ٻوليءَ ۾ ”راندن“ جو مطلب ”هلائڻ“ (Drive) آهي، جيڪو پڻ هن مصرع ۾ اڻ ٺهڪندڙ آهي. مٿينءَ مصرع ۾، ”رُپي راند ڪرڻ“ مان مراد ٿئي ٿي گهٽ ملهائتيون شيون، چاندي يا سِڪا وغيره، بنا ليکي ۽ ڳڻ ڳوت جي ورهائڻ.

### ۴٠. ساءِ اچڻ وڃڻ:

اچي وڃي وڃ ۾، تماچيءَ جي ساءَ. (ش، ۲:۴)

ساءِ: سن. سواد. لذت، مزو، شوق، ذوق (گر). محبت، سبب (قل). سِک ۽ پيار واري آسيس (بل).

**مطلب:** لغوي طور گربخشاڻي صاحب ساءَ جون معنائون صحيح لکيون آهن، پر هتي، بلوچ صاحب جي ڏنل تشريحي معنيٰ وڌيڪ ٺهڪندڙ لڳي ٿي. ان لحاظ کان اصطلاح جي معنيٰ بيهي ٿي: سِک ۽ پيار واري راحت ۽ خوشيءَ جو پڪڙجڻ.

### ٤١. سَٿَ وِهارِڻ:

جا سَمين وِهارِي سَٿَ، تِنهن سين رِيسَ نہ ڪنديون راڻيون. (گنج، ٣:٢٠)

سٿ: مجلس، محفل، ڪچهري (شيخ).

**مطلب:** محفل مچائڻ، عزير قريب ڪَٺي ڪرڻ، قرب جي ڪچهري ڪرڻ. جيڪي ڄام سمي جي ساٿ جا ماڻهو هئا، تن سان راڻين جي ڪا ريس نہ هئي. هتي اشارو نوريءَ ۽ سندس عزيز مهاڻن ڏانهن آهي، جيڪي ڄام کي گهڻا پيارا هئا.

### ٤٢. سَڏُ وجهڻ:

انڌا منڍا آئيا، سَخا سَڏُ وِڌائِين. (ش، وائي: د-١)

سڏ: هوڪو (ش).

سخا سڏ وڌائين: خيرات جو هوڪو ڏياريائين (گر). سخا جو هوڪو هلايائين(بل).

**مطلب:** چوطرف ڳالهه پکيڙڻ، چؤبول ٿيڻ.

### ٤٣. سَرِ ٿيڻ:

گندري پنهنجي غريبي سين، تي سِينئون سَرِ. (گنج، ٢:٥)

سَر ٿيڻ: فتح ٿيڻ. مڪمل ٿيڻ-پورو ٿيڻ (بل).

**مطلب:** فاتح ٿيڻ، ڪامياب ٿيڻ، قبول پوڻ، رتبو ماڻڻ، مٿاهون ٿيڻ. ڪاموڏ جي پس منظر ۾، پَٽ راڻي ٿيڻ.

### ٤٤. سِر ڪرڻ:

تَن ملاحن جو ماڻُ، سمي سِرِ ڪيو پانهنجي. (ش، ١:١٢)

سر ڪئو: مٿان ڪيو، ذمي ڪيو (بل).

ماڻُ: (سن. مانَ) ماٿو، انگل آرو (گر). درجو، مانُ (بل).

ماڻ سر ڪرڻ: انگل سهڻ (قريشي).





**مطلب:** واجب ڪرڻ، هموار ڪرڻ، مقرر ڪرڻ. ڄام تماچيءَ ملاحن جو ناز نخرو، لاڏ ڪوڏ ۽ انگل آرو سهڻ واجب ڪيو.

### ٤٥. سِرُ هجڻ:

سمون سِرُ سيڻ ۾، مي مُورَڇيو سوءِ. (ش، ١:٢١)

سِر سين ۾: سيڻي جو سردار (گر).

مورڇيو: مصدر مورڇڻ. (سن. مُورڇَنَ) موهڻ، مست ڪرڻ، مفتون ڪرڻ (گر). موهيو (ش).

**مطلب:** مٿاهون هجڻ، مٿيرو هجڻ، معزز هجڻ، نمايان هجڻ، اهم هجڻ، سردار هجڻ، حاڪم هجڻ.

### ٤٦. سلامي ٿيڻ:

جَن ويهَڻُ نہ ڏِني وَٽِ ۾، ٿِيا سلامي سي. (ش، وائي: د-٢)

جن وِهَڻ نہ ڏِنُسِ وَٽَ ۾، ٿِئا سلامي سي. (بل، ٣:١٢)

جن نہ وِهارِي وَٽ ۾، ٿيَڙا سلامي سي. (گنج، وائي: د-٣)

سلام پَرڻ: ڪاڻ ڪيڻ، مان ڏيڻ (گهنشامداس). ڪاڻ ڪيڻ، حاضري ڏيڻ(اصغر).

سلامي: پرنام، نمسڪار. آجيان، استقبال، بندوقن ڇوڙڻ سان ڏنل مانُ يا عزت. سوغات، تحفو (سائل).

**مطلب:** حاضري ڀرڻ، پيش پوَڻ، اطاعت ۾ اچڻ، ڪاڻ ڪيڻ.

### ٤٧. سونُ سوالَ ۾ ڏيڻ:

ڏيئِي سونُ سُوالَ ۾، رُپي راندِ ڪِيائين. (ش، وائي: د-١)

**مطلب:** عرض ڪرڻ تي ملهائتي يا قيمتي شيءِ ڏئي ڇڏڻ.

**۴۸. عيب اَپار هجڻ:**

تون سمون، آئون گندرِي، مون ۾ عيبَ اَپار. (ش، ۱:۲)

**عيب:** اُوڻائي، سقم، اوگڻ، خامي (سائل).

**اپار:** بي شمار، بي حد، تمام گھڻا (شيخ).

**مطلب:** لغوي طور اَپار معنيٰ بي ڪنار، جنهن کي پيو ڪنارو نہ هجي. اصطلاحي طور حد کان گھڻا عيب هجڻ، شمار کان ٻاهر اوگڻ هجڻ، بي انت خاميون هجڻ.

**۴۹. عيبنِ جُوءِ هجڻ:**

تون سمون، آئون گندرِي، مون ۾ عيبنِ جُوءِ. (ش، ۱:۱)

**جُوءِ:** ف. جاءِ (گر). جاءِ، هنڌ، ماڳ (سنديلو). مڪان، جاءِ (ش). آستان (مسافر). ٽڪاڻو (بل).

**عيبن جوءِ هجڻ:** گھڻيون اوڻايون هجڻ (قريشي).

**مطلب:** گھڻيون اوڻائيون، ڪمزوريون، گھٽتايون هجڻ. سُر جي پس منظر ۾، طبقاتي فرق سبب، حيثيت جو فرق هجڻ.

**۵۰. عيبنِ ڪوڙ هجڻ:**

تون سمون، آئون گندرِي، مون ۾ عيبنِ ڪوڙ. (ش، ۱:۳)

**ڪوڙ:** (سن. ڪوٽِي) ڪروڙ، اڪيچار(گر). ڪوڙي، ڪوڙيون (Scores) (ش). هڪ ڪروڙ (بل). ڪروڙ، گھڻائي (شيخ).

**مطلب:** عيبن، اوڻائين، ڪمزورين، گھٽتائين جي گھڻائي هجڻ.

**۵۱. عيبنِ لَکَ هجڻ:**

تون سمون، آئون گندرِي، مون ۾ عيبنِ لَکَ. (ش، ۱:۵)





**عيبن لک:** عيبن جا لک، لک عيب (بل).

**مطلب:** عيبن، اوڻائين، ڪمزورين، گھٽتائين جي گھڻائي هجڻ.

**۵۲. عيبنِ ويھ هجڻ:**

تون سمون، آئون گندرِي، مون ۾ عيبنِ ويھ. (ش، ۱:۴)

**عيبن ويھ:** ويھ عيب، گھڻا عيب (بل).

**ويھ:** گھڻو انداز (شيخ).

**مطلب:** ڪيئي عيب، اوڻائيون، ڪمزوريون، گھٽتائيون هجڻ.

**۵۳. ڪاموڏ ڪِجڻ:**

ڪِجي جي ڪاموڏُ، اَڇي ساءُ سُرودَ مان. (شيخ، ۳:۱۶)

**ڪاموڏ:** نڪري (شيخ).

**ڪِجي:** ڳائجي (شيخ).

**ساءُ:** سواد، لطف، مزو (شيخ).

**مطلب:** ڪاموڏ ڳائڻ. ڊاڪٽر غلام نبي سڏايو لکي ٿو: ”سر ڪاموڏ جون بنيادي علامتون هي آهن: سمون، گندري، ڪڪي، راڻيون (سميون ۽ سومريون)، تماچي (سمو)، ڪينجهر، مهاڻي، مڏ، مياڻيون، مڪڙا، آتڻ آجارڻ [اجارڻ] وغيره.“(سڏايو، ۱۹۹۲: ۳۳۸) ان لحاظ کان، ڪاموڏ ۾ ڪينجهر جي سونهن، ڄام تماچيءَ جي سخا ۽ سِڪ، نوريءَ جي نياز ۽ نوڙت، مهاڻن جي غربت ۽ مليل خوشيءَ سميت، لاڳاپيل سيني مکيہ جُزن جو ذڪر ڪيل آهي ۽ انهن جي پڌري ۽ ڳجهي معنيٰ ۽ مطلب کي نروار ڪيو ويو آهي.

**۵۴. ڪَرُ نائڻ:**

ڪَرُ نايو ڪيتريون، مِڙئو ڪَن منت. (بل، ۳:۲)

ڪُرَ نائيو ڪيتريون، مِڙيون ڪَن منت. (گنج، ۳:۱۲)

ڪَرُ: ڦڻ. ڳاٽ-ڪنڌ-ڳچي-سِسِي. سِسي مٿي ڪٽڻ واري حالت. ڦڻ. قد (ڪ). شان-شوڪت. مرٽي پرٽي جو خرچ (ت) (بل).

ڪُرَ: نسل-خاندان-گهراڻو-بڻ-بنياد-ڪڙم-پُري-حسب نسب (بل).

ڪَرُ نايو: ڪنڌ نمايو (بل).

نائڻ: نمائڻ، هيٺ ڪرڻ، ڪنڌ جهڪائڻ، تسليم ڪرڻ (بل).

**مطلب:** گنج ۾ آيل "ڪُرَ نائيو" موجب مفهوم ٿيندو: نسل کي گهٽ ڪرڻ، ڪڙم کي نمائڻ. جڏهن ته بلوچ صاحب جي سِٽايل "ڪَرُ نايو" موجب مفهوم ٿيندو: ڪنڌ نمائڻ، نوِڙت سان ٻيهڻ. مصرع جي پوئين پد "مِڙئو/مِڙيون ڪَن مِنٿ" کي خيال هيٺ رکڻ سان، بلوچ صاحب جي لکيل مصرع وڌيڪ نهڪندڙ ٿِي سامهون اچي ٿي. ممڪن آهي ته "گنج" جي ڪاتب کان "ڪُرَ" لکڻ ۾ سهو ٿي هجي يا شاهه سائينءَ جي دَور ۾، "ڪُرَ" بہ، ساڳيءَ معنيٰ ۾ مروج هجي. اصطلاحي طور "ڪَرُ نائڻ" معنيٰ هار مڃڻ، شڪست قبولڻ، آزي نيازيءَ سان پيش پوَڻ، مجبور ٿيڻ. (ضد: ڪَرُ ڪٽڻ.)

**۵۵. ڪٿورِي ٿيڻ:**

وَرِئي واهُوندَنِ، ڪينجهر ڪَٿورِي ٿئي. (ش. ۲:۵)

ڪٿورِي: ڪستوري، خوشبوءِ، مُشڪ، نافِ آهو (سنديلو). هڪ خوشبودار وکر. سرهاڻ-هرڻ جي دُن مان نڪتل خوشبودار شيءِ. ڪستوري. مشڪ-خوشبودار ٻوٽي جو هڪ قسم (بل).

واهوندن: بهار آڻيندڙ اولهه-ڏکڻ جي هوائن (سياري پوري ٿيڻ تي فيبروري جي پوئين اڌ ۾ اولهه-ڏکڻ ڪُند جي هوا لڳڻ شروع ٿيندي جنهن کي 'واهوندو' يا 'واهوندا' چئبو) (بل).

وَرِئي واهُوندَنِ: بهار جي موسم اچڻ تي (ش).

**مطلب:** خوشبودار ٿيڻ، سرهاڻ ڀريو ٿيڻ. اصطلاحي طور وڻندڙ ۽ پُر ڪشش ٿيڻ، دل کي ڇڪيندڙ ۽ مَن موهيندڙ ٿيڻ.





**۵٦. ڪکيءَ کوڙ پَسڻ:**

پَسِي ڪِکيءَ ڪوڙِ، متان ماڳُر مَٿيين! (ش، ۱:۳)

ڪوڙِ: (گ. م. هه. ڪوڙَ) عيب، اوگڻ، داغ، ٽُڪو (گر). عيب، داغ (ش). عيب، داغ، ٽِڪو (بل). ڪوڙُ: ڊِگ، ڊِير (سنديلو).

ڪِکِيءَ ڪوڙ: ميڇيءَ جي باس، ڪني باس، گندي بوءِ (قل).

ڪِکِي: خراب-بدبوءِ واري-ڇَتاري- (اسم) ميڇي (بل).

ڪکي ڪوڙ هجڻ: گندي بوءِ هجڻ = ميڇي جا ڊِير هجڻ (قريشي).

پَسَڻُ: مصدر. ڏسڻ-نهارڻ-جاچڻ. معلوم ڪرڻ. محسوس ڪرڻ. لَکَڻُ (بل).

**مطلب:** ڪکيءَ ڪوڙِ معنيٰ ميڇيءَ جي بوءِ، جيڪا مهاڻن کي ڇڏي، ٻين کان بدبوءِ هوندي آهي ۽ مهاڻن منجهه عيب طور ڄاتي ويندي آهي، جنهنڪري خاص توڙي عام سندن ويجهو ترسي نہ سگهندا آهن ۽ جلد از جلد ڪانئن پريرو ٿيڻ چاهيندا آهن. جيڪڏهن ڪوڙَ (زبر سان ڙ) پڙهبو تہ ان جي معنيٰ ڊِگ، ججهائي يا گهاٽائي ٿيندي. ان لحاظ کان "ڪکيءَ ڪوڙَ" جو مطلب ٿيندو ڪکيءَ جا ڪوڙ يعني ڊِگ، ان صورت ۾ بہ اتي ٻيهڻ يا ترسڻ ڏکيو ٿي پوندو. ان ڪري "ڪوڙ پسڻ" يا "ڪکيءَ ڪوڙ پسڻ" مان مراد ٿئي ٿي، ميڇيءَ جي اٽوٽندڙ، اوگُڻي يا عيبدار بوءِ محسوس ڪرڻ، جيڪا ڪنهن داغ يا ٽُڪي مثل آهي.

**۵۷. ڪُوهہ ۾ وجهڻ:**

ڪارو وِڏائين ڪُوهہ ۾، نِرتُؤن نِهاري. (ش، ۱:۱۷)

نرتُون: نرت سان، ڏسي وائسي، ڄاڻي واڻي (گر). اصل (ش).

"مهاڻڪا ڄارا ۽ ڪارا هاڻ ڄاڻي واڻي ڪٽي ڪوهہ ۾ هنيائين، يعني: انهن سان ڪو بہ واهپو نہ رکيائين." (گر).

نرتئون نهاري: پوريءَ طرح سوچي سمجهي (بل).

ڪارو ڪوهہ ۾ وجهڻ: واهپو نہ رکڻ، ڪڏ ۾ هڻڻ/ڦٽي ڪرڻ (قريشي).

**مطلب:** واسطو ختم ڪرڻ، ڪو بہ تعلق نہ رکڻ، قطع تعلق ڪرڻ، ڇڏي ڏيڻ، نظرانداز ڪرڻ، ڪڏ ۾ هٽڻ.

**٥٨. گاڏي چاڙهڻ:**

نَوازي نيئِي، گاڏي چاڙهي گَندِرِي. (ش، ١٩:١)

نيئي: وڏي ڪردار وارو. 'نوازي نيئي': نوري کي نوازي ڪيس پاڻ سان وٺي ويو ۽ گاڏيءَ ۾ چاڙهي وٺي ويو (بل).

گاڏو: عام ماڻهن جون گاڏيون ۽ حاڪم جو شاهي گاڏو. اصل آڳاٽي ٻوليءَ جو لفظ گاڏو آهي ۽ نہ گاڏِي (بل).

گاڏي: گاڏي تي، رٿ تي، بادشاهن جي سواريءَ لاءِ ٺهيل گاڏيءَ تي (شيخ).

**مطلب:** عزت ڏيڻ، مانُ وڌائڻ، حيثيت مٿيري ڪرڻ.

**٥٩. گوشو ڪرڻ:**

گندگيءَ گوشو ڪيو، عطر اوتَ اوتيائين. (ش، وائي: د-١)

گوشو: ڪُنڊ-ڪُڙِڇ. پاسو-ڪنار (بل). پاسو، علحدگي (شيخ).

گوشو ڪئو: برطرف ٿي وئي، پاسي ٿي وئي، گم ٿي وئي (ف. گوشہ = ڪنڊ، پاسو) (گر).

گوشو ڪرڻ: گم ڪرڻ، پاسو ڪرڻ (قريشي).

گندگي گوشو ڪرڻ: مڃي کي ڦٽي ڪرڻ، مڃي مارڻ کان پري ٿيڻ (قريشي).

اوت: (گ. مر. اوتَ) پلٽ، ريلو. مصدر اوتڻ. (گ). پلٽ، ريلو (ش).

**مطلب:** پاسو ڪرڻ، پرتي ٿيڻ، ختم ٿيڻ، ڇڏي ڏيڻ، علحدگي اختيار ڪرڻ. گندگيءَ مان مراد بدبوءِ ۽ عطر مان مراد خوشبوءِ آهي. ٻئي هڪٻئي جو ضد آهن. جيئن سنائي ۽ برائي، چڱائي ۽ لَڱائي، نيڪي ۽ بدي. گندگيءَ گوشو ڪيو معنيٰ لڱائيءَ ۽ بديءَ پاسو ڪيو. عطر جي اوت ٿي معنيٰ چڱائي ۽ نيڪي وڌي.





**٦٠. ڳُجهيُون (ڳالهيون) چوڻ:**

تماچيءَ جي تَنَ، ڳالهيون چَيُس ڳُجهيُون. (ش، ٢٢:١)

**مطلب:** راز جون ڳالهيون ڪرڻ، لِڪل احوال اورڻ، ڳجهہ جي خبر ڏيڻ، اندر جو احوال اورڻ، مَن جون ڳالهيون سَلڻ.

**٦١. لال ٿيڻ:**

پارس سِين پاسون، لڳا تي لالَ ٿيا. (بل، ١٤:٢)

لال ج لالُون: (١) ٿ. (ف. لال = ياقوت). (ع. لعل) سهڻي ۽ قيمتي پٿر جو هڪ قسم-موتي-ماڻڪ-ياقوت-ڳاڙهو موتي (بل).

لالُ ج لالَ: (٢) ذ. (ف. لال = ياقوت. ع. لعل = ڳاڙهو). (صفت) ڳاڙهو-رتڙو -سرخ-رتل يا رتو. ڳاڙهي جواهرات جو هڪ قسم-ڳاڙهي رنگ جو هڪ قيمتي پٿر-ياقوت-رُمانِي-ماڻڪ-موتي. (ڪوهاٽ طرف پاڪستان جي پهاڙن ۾ لڀي. رُبي ("Ruby" "سَوين وهن سِير ۾، ماڻڪَ موتي لال" (شاهہ). تاش جي پتن جو هڪ قسم-لالُ پانُ-پانُ. ڇوڪرو-ٻالڪ-ٻار-طِفل-پُٽ-ٻيٽو-فرزند. (صفت) پيارو-ملوڪ-وٽندڙ -اکين جو تارو-عزيز جان. رَتل (عشق ۾)-مشتاق. دلبر. گرم، ڪاوڙيل-غضبناڪ-غصي ۾ آيل-ڏمريل. گونگو (بل).

پارس: هڪ قسم جو پٿر (جو لوهہ سان گسي ان کي سونَ ۾ تبديل ڪندو آهي)، استاد ڪامل (ڄام تماچي) (شيخ).

**مطلب:** ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ "لال" جون بہ داخلائون ۽ "لعل" جون ٽي عدد داخلائون، "نئين جامع سنڌي لغات" (جلد ٽيون، ڇاپو ٻيو ٢٠١٧ع) ۾ ڏنيون آهن، جن جي معنائن ۾ گهڻي ئي هڪجهڙائي آهي. ايترين داخلائون مونجهاري ۽ ورجاءَ جو ڪم ڪن ٿيون، جيڪو لغت جاچيندڙ کي منجهائي ۽ پريشان ڪري ٿو. انهن کي ايڊٽ ڪرڻ جي گهرج آهي. ان ڪان سواءِ، ڊاڪٽر بلوچ، "لعل ٿيڻ" جي معنيٰ تہ ڏني آهي، پر "لال ٿيڻ" جي معنيٰ درج ناهي ڪئي. جڏهن تہ "روشني: شاهہ جي ڪلام جي لغت" (نئون ڇاپو ٢٠١٤ع) ۾، "لعل" جون داخلائون (سواءِ: ساموندي ١/١٢ = لعلون) آندل

ڪا نہ آهن ۽ ”لال“ هيٺ لکيل آهي: ”(جمع لالَ) رنگ ۾ رتل، نينهن ۽ سڪ ۾ رتل، ٻاڙها گهوٽ، وڏي مرتبي ۽ مان وارا“. اصطلاحي طور ”لال ٿيڻ“ مان مرادون، ڪاموڏ جي مٿينءَ سٽ جي پس منظر ۾، بيهن ٿيون: ملهائتو ٿيڻ، املهہ ٿيڻ، قيمتي ٿيڻ، مانَ ۽ مرتبي وارو ٿيڻ، ڪامل ٿيڻ، سوڀيائون ٿيڻ، خوشحال ٿيڻ، صحتمند ۽ سگهارو ٿيڻ، ٻاڙهو ڳتول ٿيڻ.

**٦٢. لَڏَ پَرتڻ:**

ڄامر! پَرتيَئيءِ لَڏَ، سانگين جي، سيد چي. (ش، ١:٨)

لڏ: (ف. لَدَه) لڏو، بوجو، پري؛ سامان سڙو (گر).

پرتيءِ: پرنڻ. (سن. پرٽيتَ = ارپيل) سوپڻ حوالي ڪرڻ، پارت ڪرڻ (گر).

پرتئيءِ لڏ: مائٽن جو سڄو لڏو توکي پرتو.

پرتو ج پرتا: مصدر ’پرچڻ‘ مان ماضي جو صيغو. راضي ٿيو-خوش ٿيو-ريڊو- سرچيو. پرپيو. حوالي ٿيو- ارپيو (بل).

پرچڻ: راضي ٿيڻ، مطمئن ٿيڻ، اتفاق ڪرڻ، ٺاهہ ڪرڻ (آنلائن سنڌي لغتون)

پرتو ڪرڻ: حوالي ڪرڻ- سونپڻ- سپرد ڪرڻ (بل).

سامر پرتڻ: ڪنهن ماڻهوءَ ڪي ٻئي جي حفاظت ۾ ڏيڻ يا سپرد ڪرڻ (آنلائن سنڌي لغتون)

لڏ پرتڻ: حوالي ٿيڻ، سڀ ڪجهہ حوالي ٿيڻ (قريشي).

سانگين: سانگين مان مراد آهي: مسافر ماڻهو جن کي ڪو گهر گهاٽ نہ آهي. هتي، مهاڻا جن کي بہ ڪو اڏيل اجهو ڪونهي ۽ جي مڇيءَ جي سانگي تڙن جون تلاشيون ڪندا وتن (گر).

**مطلب:** ’پرتڻ‘ ۽ ’پرچڻ‘ ۾، مٿي ڏنل معنائن ۾ مونجهارا محسوس ٿين ٿا، ڇاڪاڻ تہ بلوچ صاحبَ ’پرتو‘ کي ’پرچڻ‘ مصدر مان ماضيءَ جو صيغو ڄاڻايو آهي، جنهن جون ڏنل پهريون چارئي معنائون ان مصدر جي ماضيءَ جي صيغي سان ٺهڪندڙ





آهن، جيڪي ’پرچڻ‘ جي معنيٰ ۾ شامل ٿيڻ گهرجن. البت ’پرچڻ‘ جي معنيٰ سندس جوڙيل ”نئين جامع سنڌي لغات“ ۾ داخل ٿيڻ کان رهجي ويل آهي! ڪاموڏ جي مصرع موجب لَڏ پرتڻ جي معنيٰ ٿيندي: مالڪُ ٿيڻ، والي ٿيڻ، سڀ ڪجهہ حوالي ٿيڻ، وارث ٿيڻ، نگران ٿيڻ، سنڀالُو ٿيڻ.

**٦٣. لعل/لعلُون لُٽِڻ:**

پاڻيٺَ آٽي پاڻ سين، لَعلُون سڀ لُٽيائين. (ش، وائي: د-١)

پاڻيٺَ آٽي پاڻ سين، لَعل لُٽيائين. (گنج، د-١، وائي ١)

**مطلب:** قيمتي انعام ماڻڻ، ملهائتي شيءِ ماڻڻ. ڏسجي: پاڻيٺ آٽڻ.

**٦٤. لِڪَ لهڻ:**

لَٿي لِڪَ لطيفُ چئي، ڪيو شمس شعاعُ (بل، ٣:٤)

لِڪَ ج لِڪُون: ث. لِڪڻ يا لڪائڻ واري حالت-چِپَ-دَبُ-ڳجهہ-ڍَڪ-پوشيدگي-لڪاءُ-بي خبري (بل).

لِڪَ رکڻ: ڳالهہ لڪائڻ-راز مخفي رکڻ (بل).

لٿي لِڪ: ڳالهہ پڌري ٿي (بل).

**مطلب:** پڌرو ٿيڻ، چِٽو/چِٽائي ٿيڻ، بي خبري ختم ٿيڻ، نروار ٿيڻ، ظاهر ٿيڻ، ايري اچڻ، پڌري پَٽ ٿيڻ. (ضد: لِڪَ رکڻ.)

**٦٥. لياڪا پائڻ:**

لڪئو لياڪا پائيا، ساري رات سَميُنِ. (گنج، ٢:٤)

لِئاڪو ج لئاڪا: ليئو-جهاتي (بل).

لِياڪا: جهاتيون (شيخ).

**مطلب:** جهاتيون پائڻ، ڪوج لهڻ، ڳجهي ڳالهہ معلوم ڪرڻ.

**٦٦. لِيءَ لَغار پَسِڻ:**

پَسِي ليءَ لغارَ، متان ماڱر مَتِيين! (ش، ١:٢)

لي: (پرا. لئ/سن. لِپَ = چنبڙڻ) مڇيءَ جي مٿان جيڪا لڳلڳدار گگ ٿيندي آهي، تنهن کي مهاڻا 'لي' ڪري سڏيندا آهن (گر). لِي، لِيہ (ث): مڇيءَ جي مٿان لڳ لڳ دار-مَک. لِيءَ: ککيءَ (بل).

لغار: (گ. لَگارَ / هيم. لَگَ+آر) نشان، داغ، چُٽو؛ ذرو، رتي (گر). نشان، ذرو (ش). ذرو (بل).

ليءَ لغار: ککيءَ جو ذري جيترو پاڻيٽ (بل).

ليءَ لغار پسڻ: گندگي (مڇيءَ جي) ڏسڻ (قريشي).

**مطلب:** بدصورتي ڏِسڻ، اٽوٽندڙ شيءِ ڏسڻ، گندگي ڏسڻ، داغ ڏسڻ.

**٦٧. ماڙهو ڪرڻ:**

گاڏي چاڙهي گندِري، ماڙهو ڪِيو مي. (ش، ٢:٨)

ماٺهو ڪيو: عزت وڏائي، ماٿيپي ۾ آندو. (ش).

ماٺهو ڪرڻ: سٺو ڪرڻ (انسان ٺاهڻ) (قريشي).

**مطلب:** شانُ شوڪت وڏائڻ، عزت ڏيڻ، ماٿيپي ۾ آڻڻ، رُتبو ڏيڻ، صحيح جڳهه تي پهچائڻ، حقيقي اهميت ڏيڻ.

**٦٨. ماڙيءَ چڙهڻ:**

ماڙيءَ چَڙهيو مي، ٿي هٽي حَرفُ حسابُ جو. (گنج، ٢:١٩)

**مطلب:** وڏي حيثيت کي رَسڻ، اعليٰ ٿيڻ. مالڪياڻي ٿيڻ، پَٽ راڻي بڻجڻ.

**٦٩. ماڱرِ مَٽڻ:**

پَسِي راڻين روءِ، متان ماڱرِ مَٽِيين! (ش، ١:١)





پَسِي ليءَ لغارَ، متان ماڱر مَٽِيين! (ش، ١:٢)

پَسِي ڪِکِيءَ ڪوڙ، متان ماڱر مَٽِيين! (ش، ١:٣)

پَسِي مَئَڪِي ڏيءَ، متان ماڱر مَٽِيين! (ش، ١:٤)

ڪارڻ رب اَلکَ، متان ماڱر مَٽِيين! (ش، ١:٥)

روءِ: مُنهن (ش).

ماڱر: مهاڻن جي هڪ ذات (نوري) (ش). مهاڻن جي هڪ ذات جو نالو (بل). ڄار رکندڙ ماڻهو (ٽَلهو).

ماڱر مَٽڻ: نوري کي ڇڏڻ (قريشي).

مَٽڻ: مصدر. بدلڻ- بدلجڻ- ڦِرڻ. ڦري ٻيو رنگ وٺڻ. مٽجڻ. لنگهڻ- گذرڻ - مٽي وڃڻ- واهو ٿي وڃڻ. دُور رهڻ جي خواهش ڪرڻ. ڪاوڙجڻ- ڇِڙ ڪرڻ- غصي ٿيڻ- ناراض ٿيڻ- ڇِڙڻ (بل).

**مطلب:** ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي لکي ٿو: ”'گندرا' مهاڻن جي ذات آهي. 'مانگر' بہ مهاڻن جي ذات آهي. هتي مهاڻن لاءِ 'ماڱر' لفظ آندو ويو آهي.“(ميمڻ، ١٩٨٨: ٥٠) جڏهن تہ احمد خان آصف مصراڻيءَ موجب: ”ماڱر يا ماڄر وڏن رڇن کي چوندا آهن. هي مهاڻا اصل ۾ ملبار جا هئا مگر ڪينجهر ۾ پاڻي ۽ مڇي جي فراواني ڏسي اتي رهي پيا، جتي هنن جون مياڻيون هيون. انهيءَ خطي کي ماڄر بہ چوندا آهن.“(مصراڻي، ١٩٨٨: ١٣٥) مٿينءَ مصرع ۾، نوريءَ ڄام تماچيءَ جي حوالي سان ڪُٽڪي جو اظهار ڪيو آهي، تہ متان ڄام تماچي مهاڻن ۽ نوريءَ کان منهن مَٽي وڃي، جن جو ڀاڳ ۽ خوشحالي ڄام تماچيءَ جي ڪري وَريو آهي. مٿي ڏنل پهرين ۽ چوٿين مصرعن ۾، ماڱر جو اشارو نوريءَ ڏانهن آهي جنهن جو حسب نسب سمين يا سومرين مان نہ هو، پر جا ماڱر مهاڻِي هئي. ٻِي، ٽِين ۽ پنجين مصرعن ۾ اهو اشارو مهاڻن پورهيتن ڏانهن آهي. اصطلاح جي مراد آهي نوريءَ سميت مهاڻن کي ڇڏڻ.

**٧٠. ماڻڪُ پِرائڻ:**

راڻِن مُلا راتِ، ماڻِڪُ مي پِرائِيو. (ش، ١:٢٦)

ماڻڪ: رتن، لعل (سنڌيلو). (اصطلاح) ماڻڪ جهڙو، ڄام تماچي (بل). هڪ قيمتي پٿر، لعل، چُوني، ياقوت. ڏاهو انسان. گڻوان پرش (سائل).

پرائيو: ڪٽيو، پنهنجو ڪيو (بل).

ماڻڪ پرائڻ: املھ هٿ ڪرڻ (ڄام تماچي کي هٿ ڪرڻ) (قريشي).

مُلا: وٽان، کان (ش).

راڻين مُلا: راڻين جي سٽ وچان (بل).

**مطلب:** تماچي ماڻڪ، ڄام کي حاصل ڪرڻ. املھ (موتي) ملڻ، ڏاهو ملڻ. ڊاڪٽر امِ ڪلثوم شاھ لکي ٿي: "هن بيت ۾ ماڻڪ پنهنجي لغوي معنيٰ ۾ نہ پر مجازي معنيٰ ۾ ڄام تماچيءَ لاءِ استعاري طور استعمال ٿيو آهي."[(امِ ڪلثوم، ۲۰۰۳: ۲۸۸)] اها صحيح ڳالھ آهي.

### ۷۱. مڇيءَ ساڻ محبت هجڻ:

ڄارِيُون، ڪارِيُون، ڇَڄَ، ڇپرِيُون، جَن جِي محبتَ مڇيءَ ساڻُ. (ش، ۱:۱۲)

ڇڄ: (ف. ڇَج) دستور آهي تہ مهاڻيون مڇيون ڇيري، انهن جا آنڊا گجيون ڇڄن ۾ گڏ ڪنديون وينديون آهن (گر).

ڇپرِيُون: واحد ڇپري. (ڏن. ڇپرم = ڪک) ڪکن يا ڪانن جو اوجو. ڇپريون اڪثر لئيءَ جي ٽارين يا ڪانهن جي ڪانن مان ٺاهيندا آهن (گر). ننڍيون ڏڏيون، ڏڏڙيون (بل).

**مطلب:** مڇي روزگار جي علامت آهي. پلي تہ منجهس بوءِ آهي پر رزق جو ذريعو آهي. ان منجهان ئي گذر سفر ٿيندو ۽ حياتيءَ جو سلسلو قائم دائم رهندو آهي. مراد آهي، تہ حاصل رزق مان راضي ۽ ان مان خوش رهڻ.

### ۷۲. مَحرُوم ٿيڻ:

ٿِيا تماچيءَ ڄام سين، مُهاڻا مَحرُوم. (ش، ۱:۱٦)

مهاڻا محروم، ٿئا تماچيءَ ڄام سين. (گنج، ۲:۳)





محروم: ع. محرم. گهائل مائل، گستاخ (گر). نا اميد، نا مراد. محرم، واقف، ويجها عزيز (قل). حال پائي (ش). واقف، محرم (شيخ). وانجيلَ، پري ڪيل، غافل، ڏڪيل، نامراد، نامقبول (بل).

محروم: صفت. (ع. حَرَم = هو نااميد ٿيو). منع ڪيل-روڪيل-جهليل. حرام ڪيل. نراس-نااميد-مايوس-خستو-شڪستو-ناڪام-نامراد-بي نصيب-بدبخت-اڀاڳي-ڪمبخت-نڌورو-ڪَرم هِيڻ-اَڌورو-ڪمنصيب (بل). نااُميد، نراس، مايوس، باز رکيل، روڪيل، وانجيل. بدنصيب، نامراد (سائل).

محروم ٿيڻ: واقف/گهائل مائل ٿيڻ (قريشي).

**مطلب:** محروم جون لغوي معنائون گربخشاڻي صاحب، شاهواڻي صاحب، شيخ صاحب ۽ قريشي صاحب جي معنائن سان اڻ ٺهڪندڙ ۽ جڻ تہ ضد ۾ آهن. ظاهري مفهوم موجب، تہ مهاڻا ڄام تماچيءَ کان روڪيل ۽ جهليل ٿي پيا يا اهي مايوس ٿي پيا، پر سُر جي قصي موجب تہ انهن جا ڀاڳ کُلي پيا، انهن انعام ماڻيا ۽ ڄام تماچيءَ جي سِڪ ۽ محبت ماڻيل ٿيا. ان ڪارڻ ئي، امڪاني طور، انهن سڀني صاحبن "محروم" جون مٿي ڄاڻايل معنائون لکيون آهن. ان لحاظ کان محروم ٿيڻ مان مراد ويجها ٿيڻ، گهائل مائل ٿيڻ، پنهنجائپ وارا ٿيڻ بيهي ٿي.

### ۷۳. مَرڪِي هَلڻ:

مورُ مَرڪي هَليو، سنڌو راڻين راءُ. (بل، ۴:۳)

مَرڪائڻ: پڌائڻ، مُنهن مٿي ڪرڻ. عزت رکڻ (ٻئي جي) (سائل).

مَرڪي هليو: سرخرو ٿي هليو (بل).

**مطلب:** فاتح ٿي هلڻ، ڪامياب ٿي هلڻ، ڪنڌ کڻي هلڻ، سرخرو ٿي هلڻ، خوشيءَ مان هلڻ.

### ۷۴. مِڙِئِي معافُ ٿِيڻ:

مَڏَ، مِياڻيُون، مَڪُڙا، مِڙِئِي معافُ ٿِياسِ. (ش، ۱:۲۴)

مَڏَ، مِياٽيُون، مَڪريون، مِڙئِي معافُ ٿِياسِ.(گنج، ٢:٢٠)

منجهُ ملاحن، مڙوئي معاف ٿِئو. (گنج، ٢:٤)

سَمون تنهن جي ساءِ، تو مِياٽيون معاف ڪري. (گنج، ٣:٨)

مڪڙيون: واحد، مڪڙي. ننڍڙي ٻيڙي (سن. مَنگنِي = ٻيڙي). مذڪر، مڪڙو (گر).

مَڪُرا: وڏيون شاهي ٻيڙيون (مَڪُري = ٻيڙي) (بل).

مياٽيون: واحد مياٽي. اها جاءِ جتي مهاڻا مڇيون ماري، آٽي ڊير ڪندا آهن (گر). مڇيءَ وارا ماڳ (جتي مڇي مارجي گڏ ٿئي ۽ جتي وڪامي) (بل).

**مطلب:** هر قسم جو ڏن ڇڏڻ، سڀ ڪجھ ملڻ، ڪجھ بہ نہ وڃڻ، سڀ قرض معاف ڪرڻ، هر قسم جي اُپت بخشڻ.

**٧٥. ملامَ لاهڻ:**

الله عبداللطيف چي، مون تان لاهِ مَلامَ. (گنج، د-٢، وائي)

ملامر: ملامت، ڏوهہ، قصور (قل). ملامت، عتاب، ڦٽ لعنت (شيخ).

**مطلب:** ڏوهہ، گناهہ معاف ڪرڻ، عتاب ختم ڪرڻ، ملامت لاهڻ، نندا ختم ڪرڻ. چڱي ڪم جي توفيق عطا ڪرڻ.

**٧٦. مُنهُن پائڻ:**

پايو مُنهُ مهراڻَ ۾، ڪَين ڪالوڙا. (بل، ٢:١٥).

پايو مُنهُن مهراڻَ ۾، ڪَين ڪالوڙا. (گنج، ١:١٣).

منهن پائڻ: پوڻ وجهڻ-وات وجهڻ. غور سان ڏسڻ-جاچڻ-جهاتي پائڻ. پرچاٽي ڪرڻ_اعزاز پُرسي ڪرڻ-غم خواري ڪرڻ. ڪنهن ڪي لحاظ پائي عرض ڪرڻ(بل).

منهن پوڻ: ديدار ڪرڻ، روبرو ملڻ (قريشي).





مُنهن مهراڻ پوڻ: درياهہ ۾ گهڙڻ (قريشي).

**مطلب:** ڪم سان ڪم رکڻ. ڪاموڏ جي پس منظر ۾، (ڪينجهر ۾) ڪم ۾ رُڌل هئڻ.

**٧٧. مياٽيون موڪڻ:**

وَڏي ڄامَ ڄمارَ، جنهن مِياٽِيُون موڪِيُون. (ش، ٢:١١)

مياٽيون: واحد مياٽي. اها جاءِ جتي مهاڻا مڇيون ماري، آٽي ڊير ڪندا آهن (گر).

موڪيُون: ڍلون معاف ڪيون، امداد ڪيون، ملهايون يا مرڪايون (ش). ملهايون. مياٽين وارن کي آباد ۽ خوش ڪيو (بل).

**مطلب:** غريبي ختم ڪرڻ، خوشحالي آڻڻ، سَرهائيون پکيڙڻ، خوشيون ڏيڻ.

**٧٨. مِئڪي ڏيءَ پسڻ:**

پَسِي مئڪي ڏيءَ، متان ماگر مَتِيين! (ش، ١:٤)

پَسِي مِيءَ ڪي ڏيءَ، مڇڻ ماگر مَتِيين! (شيخ، ١:٤)

مِئڪي: ميءَ جي (مي هڪ مهاڻن جي ذات آهي)(ش). ميئن جي، مُهاڻن جي (بل).

مِيءَ: مهاڻي (شيخ).

ڪا: جا [ان لحاظ کان: ڪِي=جِي] (شيخ).

مئڪي ڏيءَ پسڻ: مهاڻي ڏسڻ (قريشي).

**مطلب:** نُوري ڏسڻ.

**٧٩. نايُون پائڻ:**

تَنُ تماچي ڄام جو، نايُون پايو ني. (ش، ٢:١٣)

نايُون: (سن. نَکَ. ف. ناخن) نهن: ڇهنبون: نيزا يعني نيٽن جا نيزا (گر).

زوردار جَڪڙڻ واريون نهندون، جن سان ڪنهن شيءِ کي پختو ڪري جهلجي (بل). (پکيءَ جي پيرن جا) چَنبا (شيخ). نيزا، نوڪون (مسافر).

ناپون پايو: مُنديون پايو، جَڪڙيون وجهئو (بل).

ني: نئي، ڪنيو وجي، ڇڪيو وجي (گر). ڪٽي تي وجي (بل).

**مطلب:** نيٽن سان منڊڻ، اکڙين ۾ قابو ڪرڻ.

**٨٠. نازُ ڪَرڻ:**

نيڻِن سين ناز ڪَري، رِيجهايائين راءُ. (ش، ١:٢٠)

عالَمُ اِنعامِي ڪِيو، نوري نازُ ڪري. (ش، وائي، د-٢)

نازُ ج نازَ: ذ. (ف) معشوقي ادا-انداز-عِشوه-غمزو-نخرو-ڪرشمو-تال-ناز نخرو-منيون ڳالهيون-چَخن-لاڏ-ڪوڏ-ماٺو-چاڳ-چالو-چاڳلائي (بل).

ناز: لاڏ، انگل، آرو (شيخ).

نازُ ڪرڻ: نخرو ڪرڻ-ادائون ڪرڻ-غرور ڪرڻ-فخر ڪرڻ (بل).

رِيجهايائين: راضي يا خوش ڪيائين (شيخ).

**مطلب:** نوڙت ۽ نيازي ڏيکارڻ، ادائون اظهارڻ، جادو ڪرڻ، متاثر ڪرڻ.

**٨١. نوازش هجڻ:**

نوازش نوريءَ جِي، آهي تماچيَ تائين. (ش، وائي، د-١)

نوازش: سفارش، مجتا (بل). عنايت، مهرباني، پلائي، ڪرم (سائل).

**مطلب:** پهچ هجڻ، سفارش هجڻ، پارت هجڻ. ڄام تماچي نوريءَ کي پانئي ٿو، ان ڪري نوريءَ جي ڳالهه مڃي ٿو.

**٨٢. نوازي نيئڻ:**

نَوازي نيئِي، گاڏي چاڙهي گَندِري. (ش، ١:١٩)





نوازڻ: سرفراز ڪرڻ، انعام ڏيڻ، خوش ڪرڻ (قل). مصدر. (ف. نوازيدن) انعام ڏيڻ. فائدو ڏيڻ-بخشڻ-نذرانو ڏيڻ-تحفو ڏيڻ-ذات ڏيڻ-بخشش ڪرڻ. مدد ڪرڻ-حمايت ڪرڻ-هٿ رکڻ-پالڻ-پرورش ڪرڻ-نوازش ڪرڻ. ورسائڻ-نهال ڪرڻ. سرفراز ڪرڻ-اوج تي رسائڻ-سِر بُلند ڪرڻ-چوٽ چاڙهڻ-عزت بخشڻ-مالا مال ڪرڻ -مهرباني ڪرڻ-ٺورو ڪرڻ-احسان ڪرڻ-لائق ڪرڻ (بل).

نيهي: وڏي ڪردار وارو. 'نوازي نيهي': نوري کي نوازي ڪيس پاڻ سان وٺي ويو ۽ گاڏيءَ ۾ چاڙهي وٺي ويو (بل).

**مطلب:** اتم درجو ڏيڻ، سرفراز ڪرڻ، نوازش ڪرڻ، عزت ڏيڻ، لائق ڪرڻ، وڏي حيثيت بخشڻ.

**٨٣. نوازيو ٿيڻ:**

نوريءَ جي نوازِيو، ٿِيو تماچي تي. (٨:٢)

تي: تنهنڪري (ش).

**مطلب:** سرفراز ڪرڻ، وڏي حيثيت بخشڻ. ڏسجي: نوازي نيئڻ.

**٨٤. نئون نيئِڻ:**

پاپوڙو پيش ڪِيو، نئون نوريءَ نيئِي. (ش، ١:١٩)

پيش ڪيو: حاضر ڪيو، ڍوڪو ڏنو (ش).

**مطلب:** نُوريءَ ڄام تماچيءَ کي پاپوڙو پيش ڪيو ته ان مان مراد ڪيس مَقامي سونهن ۽ صحت جي نشاني، جيڪا وٽن موجود هئي، نوڙت منجهان پيش ڪرڻ هو، ڇاڪاڻ ته پاپوڙو تازگيءَ ۽ توانائيءَ جو اهڃاڻ پڻ هو. جيئن ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر لکي ٿو: "پاپوڙو، جيڪو ڄام تماچيءَ کي نوري مهاڻيءَ ڍوئڻي طور پيش ڪيو هو، اهو ڪنول يا ڪوٽيءَ جي ول جو ڦل هوندو آهي. سائي رنگ جو ويڪرو ڦل ڍنڍ جي شفاف پاڻيءَ مٿان ترندو نظر ايندو آهي... شاهه صاحب سر ڪاموڏ ۾ جنهن پاپوڙي جو ذڪر ڪيو آهي اها ول خودرو ٿيندي آهي ۽ پيڻ جهڙي ٿيندي آهي. هن ول کي به گل

ٿيندو آهي، جنهن کي ڪنول جو گل يا ڪُوٽي/نيلوفر سڏيندا آهن. دوائون هن گل مان تيار ٿينديون آهن ۽ نہ پبڻ جي گل مان. ڪنول جو گل ڏاڍو خوبصورت ٿيندو آهي. ڪير جهڙي رنگ جو گل جنهن کي گلابي رنگ جي آميزش نهايت پيارو گل بنائي وجهندي آهي... سنڌي ثقافت ۽ تهذيب جي لحاظ کان پابوڙي جو تحفو هن وقت عقيدت، احترام ۽ خلوص جي علامت بنجي چڪو آهي!"(سوڍر، ٢٠٠٠: ٢٤٧-٢٤٩)ان لحاظ کان اصطلاح منجهان مراد آهي: احترام ڏيڻ، خلوص ۽ پنهنجائپ جو اظهار ڪرڻ.

**٨٥. نياءُ ٽيڻ:**

هُيون ڪوڙيين ڪينجهر ۾، نوريءَ سين نَياءُ ٽِئو. (گنج، ٥:٢)

نياءُ: انصاف (قل). فيصلو، انصاف، طريقو، روش (شيخ).

**مطلب:** حقدار کي حق ملڻ. (گهڻين مهاڻين منجهان نوريءَ سان) انصاف ٿيڻ (جنهن ۾ ڪيس تماچيءَ پنهنجي لاءِ چونڊيو).

**٨٦. واٽَ تي ويهڻ:**

وَنِي وينيون واٽ تي، ڪِڪيءَ جون ڪارِيُون. (ش، ١١:١)

**مطلب:** انتظار ۾ رهڻ، اڳيان ويهڻ، لنگهڻ جي جاءِ تي ترسڻ، ملڻ لاءِ منتظر رهڻ.

**٨٧. واهُوندا ورڻ:**

وَرِئي واهُوندَنِ، ڪيجهر ڪَٺوري ٿئي. (ش، ٥:٢)

واهُوندا وَرَنِ، ڪينجهرُ هندورو ٿيين (گنج، ٣:١)

وَرِئي واهُوندَنِ: بهار جي موسم اچڻ تي (ش).

واهوندن: بهار آٽينڊڙ اولهہ-ڏکڻ جي هوائن (سياري پوري ٿيڻ تي فيبروري جي پوئين اڌ ۾ اولهہ-ڏکڻ ڪُنڊ جي هوا لڳڻ شروع ٿيندي جنهن کي 'واهوندو' يا 'واهوندا' چئبو) (بل).





واهوندا: اُلهندي جو واءُ (قل). بهار جي موسم جون (ڏکڻ-اولهہ واريون) هوائون (شيخ).

واهوندا ورڻ: بهار جي موسم اچڻ (قريشي).

ورن: لڳن (شيخ).

**مطلب:** بهار اچڻ، مند ٽڙڻ، گل ڦل نسرڻ، ملڻ جي موسم اچڻ، خوشگواريت پکڙجڻ.

**٨٨. وَٽِ ۾ ويهڻ (وٽ ۾ ويهڻ نہ ڏيڻ [انڪاري/ناڪاري روپ]):**

جَن ويهَڻُ نہ ڏِني وَٽِ ۾، تِيا سلامي سي. (ش، وائي: د-٢)

جن وِهَڻ نہ ڏِنُسِ وَٽَ ۾، ٿِئا سلامي سي. (بل، ١٢:٣)

جن نہ وِهارِي وَٽ ۾، ٿئڙا سلامي سي. (گنج، وائي: د-٣)

وٽ ۾: پاسي ۾، پرسان (ش).

**مطلب:** برابري ڏيڻ، هڪجهڙائي مڃڻ، رتبو برابر ڏيڻ، هڪجهڙي حيثيت قبولڻ.

**٨٩. وَٽَ وَٽِڻ:**

قيمتَ ڪَميٽِن سين، جهڙي وَٽَ وَٽِيائين. (ش، وائي: د-١)

وَٽَ: مند جو نئون ميوو، سوکڙي (ش). وٽ، وستو، ورچ، تحفو، تبرڪ، برڪت واري شيءِ (شيخ).

وٽيائين: ونڊيائين، وراهيائين(ش). وٽائين: ورهايئين، تقسيم ڪيائين (شيخ).

وٽ وٽيائين: ونڊ ونڊيائين، نقد ناڻو ونڊي ورهاياڻين (بل).

وٽ وٽڻ: سوکڙيون ورهائڻ = (وٽن وانگر ورهائڻ) = خير ڪرڻ - ونڊ ونڊڻ(قريشي).

ڪميٽين: سچيين، بيواهين (بل).

قيمت: هيءُ لفظ ’جهڙي‘ لفظ سان لاڳو آهي ان ڪري معنيٰ ٿيندي قيمتي، املهہ، بي بها (شيخ).

**مطلب:** هِن سِٽ جي مفهوم ۾ گهڻيون ئي ڳالهيون سمايل آهن. ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ موجب، سِٽ جو مطلب آهي: ”ڪميڻن ڪي قيمت جهڙي وٽ وراهي ڏنائين: يعني، سيني غريب ۽ نيچ بندن ڪي قيمتي شيون وراهي ڏنائين.“ شاهواڻي صاحب موجب، مند جو نئون ميوو ورهايائين. ڊاڪٽر بلوچ موجب، ”سجين ۾ نقد ناڻو وندي ورهايائين“. شيخ صاحب موجب، برڪت ڀريون شيون ورهايائين ۽ قريشي صاحب موجب، سوڪڙين جو خير وندايائين. منهنجي ويچار موجب، اصطلاح مان مطلب ٿيندو: پُورو حساب ڏيڻ، صحيح اگهه ڏيڻ، انصاف ڪرڻ، جيترو لهڻ ايترو ڏيڻ، حق ڪرڻ.

**٩٠. وَراڻَ ٿيڻ:**

جامُ تماچي آئيو، وَرِي ٿي وراڻَ. (بل، ٤:٤)

تڙِ تماچي آيو، وَرِي ٿي وراڻَ. (شيخ، ١:٢١)

وراڻ: سُک، سُڪار، وسندي (قل). (ماڻهن جي) آمد. (اصطلاح طور) وري بخت وريو (بل). خوشي، آسودگي (شيخ). واڌ، واڌارو، چاڙهو، سرسي، سُڪار، وسندِي (بل).

**مطلب:** ڀاڳ ٿيڻ، بخت ورڻ، خوشحالي ٿيڻ، آسودگي ملڻ، برڪت ٿيڻ.

**٩١. وَرَنَ ڪرڻ:**

مي مڇيءَ ۾ هنڙا، وينِي ڪَري وَرَنَ. (ش، ١:٢٢)

وينِي ڪَري وَرَنَ، مي مڇيءَ ۾ هنڙا. (گنج، ٢:٦)

ورنُ ج ورنَ: ذ. (سن. ورڻ = رنگ) رنگ. قسم-نمونو. روپ-صورت-شڪل-شبيهہ. حالت. ذات. چمڪاٽ. عيش-مزو (بل). جنس، ذات. روش. روپ، صورت. رنگ (سائل). رنگ، روپ، چمڪاٽ، حالت، صورت، مزا، عيش (قل).





ويس ورن ڪرڻ: هار سينگار ڪرڻ = (مختلف نمونن جون پوشاڪون پهرڻ) (قريشي).

**مطلب:** رنگ روپ ڏيکارڻ، (ڪَم سان) صورت نکرڻ، مزو ماڻڻ.

**٩٢. هَڪِيُون حاضُرُ هجڻ:**

حاضر هيون هَڪيون، سَميُون سَپيئي. (ش، ١:١٩)

هَڪي، هَڪيُون: موجود، حاضر، خبردار، سنڀال وارو (قل).

هَڪيو: تيار، موجود. ’هڪيو موجود هجڻ‘ (عبدالجبار جوڻيجو).

هَڪِيو ج هَڪِيا: ذ. صفت. ظرف. حاضر- موجود- ميسر- اڳيان- مُهيا- هٿ ۾- مهل ۽ موقعي تي لازمي طور موجود- تيار- ٺهيو ٺُڪيو- اڳ ۾ تيار- حاضر ناظر- هٿ وس. اُبهرو- تڪڙو- تهطلبو. (ٿ. هَڪِي تَڪِي) (بل).

هَڪِيُون: موجود، حاضر (گر). حاضر (مسافر). هڪ جاءِ ۽ هڪ مهل (بل). بر وقت يا اڳيئي تيار يا ٺهيل ٺڪيل (شيخ).

هڪيون هجڻ: حاضر / موجود هجڻ (قريشي).

**مطلب:** مصرع ۾ ”حاضر هيون“ آيل آهي، تہ پوءِ ”هَڪِيون“ جي معنيٰ ”موجود، حاضر“ نہ ٿيڻ گهرجي، جيئن ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ ۽ پروفيسر قريشيءَ ڄاڻايو آهي. اهڙيءَ طرح ڊاڪٽر بلوچ جي ڏنل معنيٰ جي پيٽ ۾، ٻانهي خان شيخ جي معنيٰ وڌيڪ ٺهڪندڙ ۽ بامعنيٰ لڳي ٿي، پر جيڪڏهن ٻنهي معنائن کي ملائجي، تہ پوءِ معنيٰ بيهندي: هڪ جاءِ تي، ساڳئي وقت، سينگاريل سنواريل سڀ سَميون راڻيون موجود هيون. اها معنيٰ پڻ قابلِ قبول محسوس ٿئي ٿي.

لغوي طور ڏسجي، تہ ”هَڪيون“، مونث لفظ ”هَڪيءَ“ جو جمع آهي (جيتوڻيڪ بلوچ صاحب ’هَڪي تَڪي لکيو آهي!)، جنهن جو مذڪر واحدُ هَڪيو، جمع هَڪيا ٿيندو، جيڪو صفت بہ آهي تہ ظرف بہ. هَڪيو/هَڪِي جي هڪ معنيٰ ”تهطلب“ بہ لکيل آهي يعني جلدي- يڪدم- فوراً- تهت- تهتا. ان ڪري چئي سگهجي ٿو تہ سميون اُبهرائيءَ سان، تهطلبو حاضر پئي ٿيون، جڏهن تہ نوريءَ کي ان جي ڪا

ڳڻتي نہ هئي. هوءَ صابر ۽ سانتيڪي هئي. منجهس تَڪڙ بدران ڳنڀيرتا هئي، ان ڪري ڪامياب ٿي ۽ تماچيءَ ڪيس نوازي، ساڻ ڪنيو. هتي، هَڪيون حاضر هئڻ مان مراد ٿيندي، صبر ڇڏڻ، تڪڙ ڪرڻ، وهلور وڃڻ.

**٩٣. هندورو ٿيڻ:**

لڳي اتر واءُ، ڪينجهُرُ هِندورو ٿِئي. (ش، ٢:٤)

هندورو: فرحت جي جاءِ، لذت وارو (قل). پينگهو، ڏولِي (سنديلو). پينگهو، جُهولو (شيخ).

**مطلب:** چُلڻ، لهرن جو پيدا ٿيڻ، مستيءَ ۾ اچڻ، جُهومڻ، جنهن منجهان فطرتي جماليات جو اظهار ٿئي ٿو.

**٩٤. هِيري هٿُ وجهڻ:**

هِيري هٿُ وِڌائِين، وِيهِي ساٿِيَن وِچ ۾. (ش، د-١، وائي)

هيري: هيري ۾، يعني نوريءَ جهڙي بي بها موتيءَ ۾ (گر).

ساٿين: ميچيءَ وارن، مهاڻن (بل).

هيري هٿ وجهڻ: حاصل ڪرڻ (قريشي).

**مطلب:** نوريءَ کي پنهنجو ڪَرڻ، ماڻڻ، حاصل ڪرڻ، منتخب ڪرڻ.

**٩٥. هِيڻَ/هِيڻا هَڏ هجڻ:**

سَمي سيڪِي سيڻَ ڪيا، هيڻَ جَنين جا هَڏَ. (ش، ٨:١)

سَمين سيڪِي سيڻَ ڪئا، هيڻا جَن جا هَڏَ. (گنج: ١٥:١)

هيڻ: هيڻا، ضعيف (ش). هيڻا، ضعيف (مسافر).

هيڻ جنين جا هڏ: جي هڏن جا هيڻا آهن، يعني جن کي نہ آهي پدن جو زور، نہ مال ملڪيت جو (گر).

**مطلب:** غريب هجڻ، ناتوان هجڻ، عام خلق هجڻ، بي پهچ هجڻ.





**نتيجو:**

شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو سرجيل هيءُ سُر "ڪاموڏ" فڪري طور ٻن مکيہ ڪردارن، ڄام تماچي ۽ نوري مهاڻيءَ جي محبت ۽ هڪٻئي سان مڪمل وابستگيءَ جو ڀرپور اظهار آهي. هن سُر ۾ شاهہ لطيف، طبقاتي اوچ نيچ کي ختم ڪيو آهي ۽ اٽبرابريءَ جي حيثيت کي سماجي لڳ لاڳاپن ۾ ڪا اهميت ناهي ڏني. هن سُر مان پڌرو ٿو ٿئي تہ جيڪڏهن وقت جو بادشاهہ چاهي تہ پنهنجي عوام کي سُک ۽ سهولتون ڏئي ۽ محصول معاف ڪري، ان جي معاشي ۽ سماجي حالتون سڌاري سگهي ٿو. لسانياتي طور، سُر ڪاموڏ ۾، ٻوليءَ جون انيڪ خوبيون سمايل آهن. خاص ڪري ان جي لغت ۾ لفظن جون ظاهري/لغوي توڙي رواجي/اصطلاحي معنائون  وڏي ڪثرت رکن ٿيون. سر ڪاموڏ جي اڀياس مان، ڪوجيل ٩٥ اصطلاحَ، سنڌي ٻوليءَ جي اصطلاحي معنائن کي وڏي سگهہ بخشيندڙ آهن، جنهن مان ڄاڻي سگهجي ٿو، تہ ٣٠٠ ورهيہ ڪن اڳ لکيل اهي اصطلاح، سنڌ جي سما دَور جي ڪهڙي نہ لاياڻتي عڪاسي ڪن ٿا ۽ سنڌي سماج جي پُر امن تصوير چِٽن ٿا! خاص ڪري انهن اصطلاحن مان، ٺٽي ضلعي ۾ واقع ڪينجهر ڍنڍ ۽ ان سان ڳنڍيل ماحول ۽ سماجيات جي مثبت نمائندگي ٿئي ٿي.

## حوالا


١. اصغر، غلام، 'سنڌي ڪتمنڙا عرف اصطلاحات اصغر'، حيدرآباد، آر. ايچ. احمد اينڊ برادرس، ١٩٥٥-٥٦ع.

٢. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، 'شاهہ عبداللطيف ڀٽائي'، ڪراچي يونيورسٽي، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ٢٠١٤ع.

٣. اُم ڪلثوم شاهہ، ڊاڪٽر، 'شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ استعارہ ۽ تشبيهہ نگاريءَ جو تحقيقي جائزو'، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، ڪراچي، ٢٠٠٤ع.

٤. انيڙ، ارشد، حافظ، 'عشق جي چاڙهي جو اولين ڏاڪو: نماڻائي'، (مضمون)؛ ماهوار 'پيغام' ڪراچي، ايڊيٽر: آفتاب ابڙو؛ ڪراچي؛ آڪٽوبر-نومبر ٢٠٠١ع؛ ص: ١٣-١٧.

٥. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، 'شاهہ جو رسالو'، حيدرآباد، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا ۽ اشاعت، ١٩٩٩ع.

٦. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، 'نئين جامع سنڌي لغات' (ٽن جلدن ۾)، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد، ٢٠١٧ع.

٧. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، ’شاھ عبداللطيف ڀٽائي: مقالا ۽ مضمون‘، مرتب: ڊاڪٽر محمد علي مانجهي؛ ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، ڪراچي، ٢٠١٢ع.

٨. بيگ، اجمل، مرزا، ’سر ڪاموڏ جي تمثيل‘ (مضمون)، ڪتاب: شاھ عبداللطيف ڀٽائي: چونڊ مضمون؛ مرتب: چاڪ ناهي؛ ڀٽ شاھ، شاھ عبداللطيف ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز ڪاميٽي، ١٩٩٧ع، ص: ٢٠١-٢١٦.

٩. بيگ، قليچ، مرزا، شمس العلماء (١٩١٤ع)، ’لغات لطيفي‘، حيدرآباد، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، ١٩٩٤ع.

١٠. بيگ، قليچ، مرزا، شمس العلماء، ’سنڌي لغات قديمي‘، سنڌي ساھت پبلشنگ ڪمپني، حيدرآباد، ١٩٢٤ع.

١١. ڀٽي، رشيد، ’شاھ جي سر ڪاموڏ جو اڀياس‘ (مضمون)، ڪتاب: ’سر ڪاموڏ‘، مرتب: حميد سنڌي؛ ڀٽ شاھ، شاھ عبداللطيف ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز، ١٩٨٨ع، ص ١٥-٢٨.

١٢. ٿلهو، منصور، ’اَکر پَٽي‘، سنڌيا پبليڪيشن، شڪارپور/حيدرآباد، ٢٠١٤ع.

١٣. جوکيو، الطاف حسين، ڊاڪٽر، ’سنڌي ٻوليءَ جي اهم اصطلاحي جزن جي تنقيدي اڪيڙ‘ (مضمون)، سنڌي ٻولي (تحقيقي جرنل)، ايڊيٽر: تاج جويو؛ حيدرآباد، سنڌي لئنگويج اٿارٽي؛ جلد ٢، شمارو ٣، سيپٽمبر ٢٠٠٩ع، ص: ١٠٦-١٤٣.

١٤. جوڻيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر، ’لاڙ جي لغات‘، زيب ادبي مرڪز، حيدرآباد، ١٩٧٥ع.

١٥. جويو، ابراهيم، محمد، ’شاھ - سچل – سامي‘، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، ١٩٩٠ع.

١٦. دانش، احسان، ڊاڪٽر، ’شاھ لطيف جي شاعريءَ جو سماجي ڪارج‘، ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومت سنڌ، ڪراچي، ٢٠١٦ع.

١٧. رامنداس، گهنشامداس، ’سنڌي ٻوليءَ جي سونهن‘، ١٩١٠ع.

١٨. رڪڻائي، الهنواز، ’سنڌي ٻوليءَ جو درياهي لهجو‘، سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد، ٢٠٠٧ع.

١٩. سائل، سترامداس سوڀا سنگھ جڙيا سنگهاڻي، پروفيسر (٢٠٠٤)، ’سائل ڪوش‘، ڪويتا پبليڪيشن، حيدرآباد، ٢٠٠٩ع.

٢٠. سڏايو، غلام نبي، ڊاڪٽر، ’شاھ جي شاعريءَ ۾ علامت نگاري‘، شاھ عبداللطيف ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاھ، ١٩٩٢ع.

٢١. سنڌيلو، عبدالڪريم، ڊاڪٽر، ’تحقيق لغات سنڌي‘، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد، ١٩٨٠ع.

٢٢. سنڌيلو، عبدالڪريم، ڊاڪٽر، ’سچل لغات‘، سچل سرمست يادگار ڪاميٽي، خيرپور، ١٩٨٤ع.

٢٣. سنڌيلو، عبدالڪريم، ڊاڪٽر، ’اصطلاحن جي اصليت‘، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنڌيلو اڪيڊمي، ڪراچي/لاڙڪاڻو، ١٩٩٣ع.

٢٤. سنڌي، محمد ابراهيم، ڊاڪٽر، ’اندر تون اجار‘، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، ڪراچي، ٢٠١٧ع.

٢٥. سورلي، ايڇ. ٽِي.، ’ڀِٽ جو شاھ‘، سنڌيڪار: عطا محمد ڀنڀرو؛ سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي،







٢٠٠٥ع.

٢٦. سوڍر، شاھنواز، ڊاڪٽر، ’اوجاڳي اُجاريا‘، لطيف ساجاھ پبليڪيشن، لاڙڪاڻو، ٢٠٠٠ع.

٢٧. شاد، بشير احمد، ڊاڪٽر، ’شاھ لطيف هر دَور جو شاعر‘، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، ٢٠٠٨ع.

٢٨. شاهواڻي، غلام محمد، ’شاھ جو رسالو‘، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، ١٩٩٣ع.

٢٩. شيخ، ٻانهون خان، شاھ جو رسالو (جلد ٽيون)؛ شاھ عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، ڪراچي، ٢٠١٢ع.

٣٠. فهميده حسين، ڊاڪٽر، ’شاھ لطيف جي شاعريءَ ۾ عورت جو روپ‘، شاھ عبداللطيف ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاھ، ١٩٩٣ع.

٣١. قريشي، مظهر علي، پروفيسر، ’شاھ لطيف رح جي ڪلام ۾ اصطلاح ۽ پهاڪا‘ (مضمون)، ماهوار ’پيغام‘ ڪراچي، جلد ١٦، شمارو ٨ -٩، فيبروري-مارچ، ١٩٩٣ع، ص: ٧-١٧.

٣٢. ڪاشف، محمد حسين، ’لطيفي فڪر ۽ سرن جي ساجاھ‘، شاھ عبداللطيف ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاھ، ٢٠٠٥ع.

٣٣. گربخشاڻي هوتچند مولچند، ’شاھ جو رسالو‘، سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي، ٢٠١٤ع.

٣٤. ’گنج‘ (جلد ٻيو)، ايڊيٽر: مدد علي سنڌي، ثقافت، سياحت ۽ نوادرات کاتو، حڪومت سنڌ، ڪراچي، ٢٠١٨ع.

٣٥. مٽلاڻي، منوهر، ڊاڪٽر، ’شاھ جا سرمور‘، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، ١٩٩٢ع.

٣٦. مسافر، محمد صديق، ’سر ڪاموڏ‘، آر. ايڇ. احمد اينڊ برادرس، حيدرآباد، ١٩٥٩ع.

٣٧. مصراڻي، احمد خان آصف، ’سر ڪاموڏ‘ (مضمون)، ڪتاب: ’سر ڪاموڏ‘، مرتب: حميد سنڌي؛ شاھ عبداللطيف ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاھ، ١٩٥٩ع، ص: ١٤١-١٤٧.

٣٨. ميمڻ، عبدالمجيد سنڌي، ڊاڪٽر، ’سر ڪاموڏ جو ادبي جائزو‘ (مضمون)، ڪتاب: ’سر ڪاموڏ‘، مرتب: حميد سنڌي؛ شاھ عبداللطيف ڀٽ شاھ ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاھ، ١٩٨٨ع، ص: ٦٣-٧٠.

٣٩. نقوي، نجف علي شاھ ڪمتر، سيد، ’ٻاروچي ٻولي‘، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، ١٩٨٤ع.